


# متبرک وظیفا

بسم الله الرحمٰن الرحيم

وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُونِي أَسْتَجِبْ لَكُمْ

(القرآن)

توهان جو رب تعالیٰ فرمايو ته توهان مون کان دعائون گهرو آئون توهان جون دعائون قبول ڪندس. (القرآن)

حَامِدًا وَّمُصَلِّيًا

# مُتَبَرڪ وَظيفا

مُتبرڪ راتين جا نفل
دُعائون، وِردَ ۽ وَظيفا

شايع ڪندڙ ۽ مصنف

حضرت علامه عبدالوحيد جان سرهندي فاروقي

مهتمم اعلیٰ ومدرس:

جامعه مجدديه سرهنديه دارالارشاد

ٽنڊو سائينداد، تعلقو ٽنڊو محمد خان، ضلع حيدرآباد.

# متبرڪ وظيفا

شايع ڪندڙ ۽ مصنف ـــــ حضرت علامه عبدالوحيد جان سرهندي

ڪتابت ـــــــــ فقير فيض محمّد سڪندري پٺاڻي حيدرآباد

ڇاپيندڙ ـــــــــ سيّد واجد علي حسني

نيوگرين پرنٽرس. صدر. حيدرآباد

ايڊيشن ـــــــــ چوٿون

سال اشاعت ـــــــــ ربيع الاوّل ١٤١٩ھ/ جولاءِ ١٩٩٨ع

تعداد ـــــــــ ٻه هزار

هديه ـــــــــ پڙهي عمل ڪرڻ ۽ دعاءِ خير سان نوازڻ

نوٽ: هر مسلمان کي هي ڪتاب ڇپائڻ في سبيل الله ورهائڻ جي هن شرط سان اجازت ڏجي ٿي ته ڇپائڻ وقت هن ڪتاب جي مضمون ۽ ٽائيٽل ۾ ڪو به فرق نه ڪيو وڃي.

ملڻ جا هنڌ:

١ـ حضرت علامه عبدالوحيد سرهندي

درگاه ٽنڊو سائينداد. لڳ ٽنڊو محمّد خان

ضلع. حيدرآباد

---

٢ـ الحاج سيّد قمر الزّمان شاه

سي/٢٢٣، لطيف آباد ٢ حيدرآباد. سنڌ.

---

٣ـ حاجي غلام اڪبر جتوئي

صديق ڪورٽ. باٿ آئي لينڊ. ڪراچي

مهرباني فرمائي مٿين جاين تان روبرو ڪتاب حاصل ڪريو

| عنوان | صفحه | عنوان | صفحه |
| --- | --- | --- | --- |
| منظوم خطبه اول برائي جمعة المبارڪ | ٧٥ | خطبه ثاني عيد الفطر وعيد الاضحىٰ | ٨٤ |
| خطبه ثانيه برائي جمعة المبارڪ | ٧٨ | اول خطبه عيد الاضحىٰ | ٨٦ |
| نڪاح پڙهڻ جون دعائون | ٧٩ | التجا بدرگاھ رب العالمين | ٨٨ |
| نڪاح جو خطبو | ٨٠ | نعت مصطفىٰ | ٨٩ |
| نڪاح جي دعا | ٨١ | هديه صلوٰة و سلام | ٩٠ |
| اول خطبه عيد رمضان | ٨٣ | مناجات بدرگاھ قاضي الحاجات | ٩١ |


بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ

# انتساب

آئون پنهنجي هن تصنيف کي پنهنجي ڏاڏي بُزرگوار امام العارفين حَضْرَتُ آغا غُلَامُ عَلِيُ جانُ سرهندي مُجدّدي قُدِّسَ سِرُّهٗ جي گرامي قدر ذات اقدس ڏانهن مَنسُوب ڪريان ٿو. حضرت صاحب جن ڪمالِ شفقت ۽ پيار سان منهنجي تربيت ڪئي ۽ سندن فيوضات ۽ برڪات سان مون کي دين خدمت جي سعادت نصيب ٿي

فَالْحَمْدُ لِلّٰهِ كَثِيْرًا عَلٰى ذَالِكَ.

بقلم:
عبد الوحيد سرهندي
از: ٽنڊه سائينداد.
١٠ اپريل ١٩٩٧ع

# سُورۃ یٰسٓ جا فضائِلُ

حضرت معقل بن يسار رضی الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته رسولِ عربي عليه الصّلوٰة والسّلام ارشاد فرمايو ته جيڪو ماڻهو سورة يٰسٓ، الله تعالیٰ جي رضامندي لاءِ پڙهي ٿو ته اُن جا اڳيان سيئي گناه بخش ڪيا وڃن ٿا، پوءِ توهان سورة يٰسٓ پنهنجي فوت ٿيلن تي پڙهو . رواه البيهقي از مشڪوٰة المصابيح باب فضائل القرآن .

حضرت عطاء بن ابی رباح کان روايت آهي، ان فرمايو ته مون کي حديث پهتي آهي ته رسولِ عربي عليه الصّلوٰة والسّلام ارشاد فرمايو ته جيڪو ماڻهو روز اني صبح جو سورة يٰسٓ پڙهندو اُن جون سڀ ضروريون ضرور تون پوريون ڪيون وينديون. از: مشڪوٰة المصابيح، باب فضائل القرآن. حضرت صاحب راحة القلوب پر هن طرح لکيو آهي.

صحيح حديث سان ثابت آهي ته سورة يٰسٓ قَلْبُ الْقُرْآن آهي يعني قرآن شريف جي دل آهي ۽ بزرگن جو چوڻ آهي ته ٻي دليون گڏ ٿينديون ته دعا قبول ٿيندي؛ مؤمن جي دل، قرآن پاڪ جي دل يعني سورة يٰسٓ ۽ رات جي دل يعني رات جو پويون حصو، سو مؤمن کي گهرجي ته الله تعالیٰ جي رضامندي حاصل ڪرڻ واسطي هميشه انهي مبارڪ وقت ۾ سورة يٰسٓ پڙهي ۽ الله تعالیٰ کان دُعائون گهرن. پوئين رات جو پڙهي نه سگهن ته صبح جو نماز کان اڳي يا پوءِ پڙهن .

هي فائدو پڻ ياد رکو ته هميشه عبادت لاءِ عمل ۽ وظيفو ايترو مقرر ڪجي جيترو هميشه ڪري سگهي، ٻن ڏينهن گهڻو وظيفو ڪري وري ڇڏي ڏجي تنهن کان بهتر آهي ٿورو ڪجي ۽ هميشه ڪجي، خدا تعالیٰ وٽ اهو طريقو پسنديده

آهي: ”اَحَبُّ الْاَعْمَالُ اِلَى اللهِ اَدْوَمُهَا“ تهنڪري هڪ پيرو جيئن قرآن ۾ آهي
هميشه تيئن پڙهو.

ڪن مشائخن وٽ هي پڙهڻ جي ترتيب مجرب آهي ته سورة يٰسٓ ۾ ست مبين
آهن. سورة شروع ڪري پهرين مبين تي بيهي وري ٻي دفعي منڍ کان شروع ڪري
ٻي مبين تائين پڙهي اهڙي طرح هر مبين وٽ پهچي منڍ کان پڙهي ۽ ان طرح سان
ستن مبينن تائين پڙهي پوري ڪري.

ٽئين ترتيب هي آهي جيڪا مشڪلات جي وقت مشائخن وٽ مجرب آهي.
عشاء جي نماز کان پوءِ ٻه رڪعتون پڙهي پوءِ سورة يٰسٓ ٤١ (ايڪيتاليهه) ڀيرا پڙهي
۽ هر ڀيري کان بعد دعا گهري ۽ چوي ته: ”يَامَنْ اَمْرُهٗ اِذَآ اَرَادَ شَيْئًا اَنْ يَقُوْلَ لَهٗ كُنْ
فَيَكُوْنُ.“ (مون کي بيماري کان شفا يا ظالم جي شر کان پناهه ڏي يا تنگدستي دفع ڪر)
جهڙو مطلب هجيس ته جلد حاصل ٿيندو، اِنْ شَاءَ اللهُ تَعَالىٰ.

(از: راحة القلوب)
تصنيف:
صاحب العلم والعرفان حضرت شاهه آغا سرهندي مجددي
قدس سره العزيز

٢. ٻه رڪعتون نفل رزق حلال جي ڪشادگي ۽ ٻين جي محتاجي کان آزاد ٿيڻ جي نيت سان پڙهجن.

هر ٻن رڪعتن نفل جي سلام ورائڻ کان پوءِ ٣. (ٽي) ڀيرا درود شريف ۽ هڪ ڀيرو سورت يٰسين شريف پڙهي ۽ ان کان پوءِ هڪ ڀيرو دعاءِ نصف شعبان پڙهي.

○ سج لهڻ وقت چاليهه (٤٠) ڀيرا لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ پڙهي

○ مغرب کان پوءِ تازو وضو ڪري ٻه رڪعتون تحية الوضو پڙهي، تمام گهڻو ثواب ملندو.

○ هڪ سؤ ڀيرا يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ بِرَحْمَتِكَ اَسْتَغِيْثُ پڙهي.

○ جيترو ٿي سگهي هي دعا پڙهڻ گهرجي:- اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ كَرِيْمٌ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنِّيْ وَاَسْئَلُكَ الْعَافِيَةَ وَالْمُعَافَاتِ الدَّائِمَةِ فِي الدِّيْنِ وَالدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ط

○ گناهن کان توبه ڪجي، مسجدن ۾ جمع ٿي ۽ دعائون گهرجن؛ ڇو ته هن رات ۾ دعائون قبول ٿين ٿيون.

○ ٻه رڪعتون پڙهجن، الحمد کان پوءِ آيَةُ الْكُرْسِي هڪ ڀيرو ۽ سوره اخلاص ٽي (٣) ڀيرا پڙهي. سلام کان پوءِ هڪ سؤ ڀيرا ڪوبه درود شريف پڙهي.

○ ٻه رڪعتون، هر رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ سوره اخلاص ٽي (٣) ڀيرا پڙهي.

# سُوْرَةُ مُلْكُ جا فضائل

① نبي كريم صلى الله عليه و آله وسلم جن ارشاد فرمايو ته بيشڪ قرآن كريم ۾ هڪ اهڙي سورة آهي جنهن ۾ ٣٠، آيتون آهن، اها سورة پنهنجي پڙهندڙ ماڻهوءَ جي شفاعت ڪري ٿي، ايستائين جو ان کي بخشيو وڃي ۽ اها سُورة: تَبَارَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ آهي. (ان حديث شريف کي احمد ۽ ترمذي ۽ ابوداؤد ۽ نسائي ۽ ابن ماجه نقل ڪيو آهي) باب فضائل القرآن از مشكوٰة المصابيح

② حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رضى الله تعالىٰ عنه کان روايت آهي ته پاڪ كريمن جي ڪجه اصحابن پنهنجو تنبو هڪ قبر تي هنيو، انهن کي اها خبر نه هئي ته اتي ڪا قبر آهي. پوءِ ان جاءِ تي هڪ ماڻهو سورة تَبَارَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ پڙهي رهيو هو، ايستائين جو (سورة تبارڪ) مكمل ڪيائين. پوءِ اصحابي سڳورا پاڪ ڪريمن وٽ پهتا ۽ اها ڳالهه پاڪ ڪريمن کي ٻڌائي. پاڪ كريمن فرمايو: اها سورة قبر جي عذاب کي روڪيندڙ آهي ۽ اها ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي، جيڪا عذاب الاهي کان نجات ڏئي ٿي. (ان حديث شريف کي ترمذي نقل ڪيو آهي) باب فضائل القرآن از مشكوٰة المصابيح.

حديث جي مستند ڪتاب مُوَطَّا اِمَامُ مَالِڪ ۾ حضرت امام مالڪ کان روايت آهي ته پاڻ ڪريمن جي امت جون عُمريون گهٽ آهن، انهيءَ ڪري سندن نيڪ عمل ٻين امتن جي نيڪ عملن تائين پهچي نٿا سگهن انهيءَ سبب الله تعاليٰ پاڻ ڪريمن جي امت کي شب قدر عنايت فرمائي ته جيئن رسول عربي جي امت جا نيڪ عمل فقط هڪ رات جي عبادت سان اڳين امتين جي ڪيل عملن کان وڌيڪ زياده ٿين ۽ اها شب قدر جي عنايت فقط رسول عربي جي امت تي ٿي آهي. (از تفسير مظهري)

**شب قدر هڪ بابرڪت رات**: شب قدر اُمَّتِ مُسلِمَه لاءِ هڪ عظيم بابرڪت رات آهي ۽ اها رات، بابرڪت رات ان ڪري ٿي آهي جو انهيءَ رات ۾ قرآن ڪريم لوح محفوظ مان دنيا جي پهرئين آسمان تي نازل ٿيو. انهيءَ جاءِ کي بَيْتُ الْعِزَّةِ چيو ويو ٿو. (اَلْاِتقَانِ فِي عُلُومِ الْقُرآنِ سُيوطي) ان کان پوءِ جبرئيل امين قرآن ڪريم کي حفظ ڪيو ۽ حسب ضرورت ٢٣ سالن جي عرصي ۾ رسول عربي تي ٿورو ٿورو ڪري لاٿو. قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي ته: نَزَلَ بِهِ الرُّوحُ الْاَمِيْنُ عَلىٰ قَلْبِكَ يعني جبرئيل امين قرآن ڪريم کي رسولِ عربي تي ٿورو ٿورو ڪري لاٿو. علامه سيوطي اَلْاِتقَان ۾ لکي ٿو ته قرآن ڪريم جي نزول جا ٻه طريقا هئا: پهريون نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسّلام مَلڪي (نوراني) صورت ۾ جبرئيل امين کان قرآن پاڪ اخذ ڪندا هئا. ٻيو: جبرئيل امين بشري صورت ۾ اچي پاڻ ڪريمن کي قرآن ڪريم پهچائيندو هو.

**شب قدر جي وَجه تسميه**: شب قدر کي شب قدر چوڻ جا ٽي سبب آهن: ١- انهي پلاري رات ۾ ملائڪن کي پوري سال جي احڪامن تي مقرر ڪيو

وڃي ٿو، ٢- شرافت ۽ قدر جي ڪري انهي رات کي شبِ قدر چئجي ٿو.
٣- مؤمنن جي ڪيل نيڪ عملن جو قدر ڪيو وڃي ٿو، ان ڪري ان رات کي شب قدر چيو وڃي ٿو.

**شب قدر جون برڪتون:** صحيح بخاري ۽ مسلم جي مستند حديث آهي ته پاڪ ڪريمن صلي الله عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو ته جيڪي ماڻهو ايمان ۽ اخلاص سان جاڳي شب قدر ۾ عبادت ڪئي الله تعاليٰ ان جا سال جا گناهه بخش فرمائيندو.

**شب قدر جي ڪهڙي رات آهي:** پاڪ ڪريمن ارشاد فرمايو ته توهان شب قدر کي رمضان المبارڪ جي آخري ڏهي ۾ اکي وارين راتين ۾ ڳوليو مثلاً: ٢١، ٢٣، ٢٥، ٢٧، ٢٩، جي راتين ۾. تفسير مظهري ۾ حضرت عبدالله ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته پاڪ ڪريمن ارشاد فرمايو ته جيڪو ماڻهو شب قدر جو طلبگار آهي ان کي گهرجي ته شب قدر کي ٢٧، رمضان ۾ ڳولي.

حضرت عمر رضي الله عنه حضرت حذيفه رضي الله عنه ۽ اڪثر اصحابن جو رايو آهي ته شب قدر ٢٧، رمضان جي رات آهي. اسان جي امام اعظم ابو حنيفه رضي الله عنه کان به ٢٧، رمضان جي رات شب قدر لاءِ منقول آهي ۽ اڪثر بزرگانِ دين ۽ اولياءُ الله به ٢٧، جي رات تي متفق آهن. قرآن ڪريم مان به اشارةً ٢٧ تاريخ جو ثبوت ملي ٿو. حضرت سيدنا ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي ته سورة قدر ۾ لَيْلَةُ الْقَدْرِ جو لفظ ٽي دفعا آيو آهي ۽ هر هڪ لَيْلَةَ الْقَدْرِ ۾ ٩، حرف آهن. انهن حرفن کي ٣، سان ضرب ڪبو ته ٢٧، جو انگ ظاهر ٿيندو انهي مان به ظاهر ٿئي ٿو ته لَيْلَةُ الْقَدْرِ ٢٧، رمضان جي رات آهي. (تفسير روح البيان).

# دُعاءِ عاشور

هي دُعا نهايت بابرکت آهي، اسين هر سال پنهنجي مسجد شريف ۾ هي دُعا پڙهندا آهيون . عاشوره جون هي سڀئي دُعائون ڪتاب ”جواهرغيبي“ مان نقل ڪيون ويون آهن .

ڏهين محرم جي ڏينهن روزو رکڻ گهرجي ۽ ١٢ رڪعتون نفل جون پڙهڻ گهرجن ۽ پنهنجي طاقت موجب خير خيرات ڪرڻ گهرجي ، ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ گهرجي ۽ دلائل الخيرات جو هڪ ختم پڙهڻ گهرجي . انهن سڀني نيڪ عملن جو ايصال ثواب سيد الشهداء سيدنا حضرت امام حسين عالي مقام رضی الله تعالیٰ عنه ۽ سڀني شهداءِ ڪربلا جي حضور ۾ پيش ڪجي . ان کان پوءِ پنهنجي لاءِ پنهنجي اولاد لاءِ ۽ پنهنجي عزيز و اقارب لاءِ ۽ سڀني مسلمانن لاءِ دعا گهرجي .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِىْ مِمَّنْ دَعَاكَ فَاَجَبْتَهٗ وَآمَنَ بِكَ فَهَدَيْتَهٗ وَرَغِبَ اِلَيْكَ وَتَوَكَّلَ عَلَيْكَ فَكَفَيْتَهٗ وَاقْتَرَبَ مِنْكَ فَاٰوَيْتَهٗ، اَللّٰهُمَّ امْدُدْ لِعَيْشِىْ مَدًّا وَاجْعَلْ لِىْ فِىْ قُلُوْبِ الْمُؤْمِنِيْنَ وُدًّا، اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ اَسْئَلُكَ

الْإِيْمَانَ بِكَ وَأَسْئَلُكَ الْفَضْلَ مِنَ الرِّزْقِ، وَأَسْئَلُكَ
الْعَافِيَةَ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ، يَاذَاالْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ ط

جيڪو شخص عاشوري واري ڏينهن ستر (٧٠) ڀيرا هي تسبيح پڙهندو ته الله تعالىٰ ان کي بخشيندو:

حَسْبِيَ اللهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ

حضور سرور عالم صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته جيڪو شخص عاشوري جي ڏينهن هي پڙهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْعَلِيُّ الْاَعْلٰى لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ رَبُّ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا تَحْتَ الثَّرٰى ط

ته الله تعالىٰ ان ٻانهي کي رحمت جي نظر سان ڏسندو، ٻيو هي دعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِيْ كَمَالَ الْحُسْنٰى وَسَعَادَةَ الْعُقْبٰى
وَخَيْرَ الْآخِرَةِ الْاُوْلٰى ط

جيڪو شخص عاشوري جي ڏينهن ست ڀيرا هي دعا پڙهندو ته اهو انهي سال نه مرندو:

سُبْحَانَ اللهِ مِلَاءَ الْمِيْزَانِ وَمُنْتَهَى الْعِلْمِ وَمَبْلَغَ
الرِّضَاءِ وَزِنَةَ الْعَرْشِ لَامَلْجَاءَ وَلَا مَنْجَاءَ مِنَ اللهِ

إِلَّا إِلَيْهِ، سُبْحَانَ اللّٰهِ عَدَدَ الشَّفْعِ وَالْوِتْرِ وَعَدَدَ
كَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّاتِ كُلِّهَا وَأَسْأَلُكَ السَّلَامَةَ
بِرَحْمَتِكَ يَا أَرْحَمَ الرَّاحِمِينَ ۝ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا
بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيمِ ۝ وَهُوَ حَسْبِي وَنِعْمَ الْوَكِيلُ
وَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيرُ ۝ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى
خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ أَجْمَعِينَ ۝

عاشوري جي ڏينهن جيڪو شخص هي دعا ٽي ڀيرا پڙهندو ته ان سال ۾ سمورو وقت هر آفت کان محفوظ رهندو ۽ سندس مرادون پوريون ٿينديون.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِلٰهِيْ بِحُرْمَةِ الْحُسَيْنِ وَأَخِيْهِ وَأُمِّهٖ وَأَبِيْهِ وَجَدِّهٖ
وَبَنِيْهِ فَرِّجْ عَمَّا أَنَا فِيْهِ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ
خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ أَجْمَعِيْنَ ۝

جيڪو شخص عاشوري جي ڏينهن هي دُعا پڙهندو ته جيڪڏهن الله تعالیٰ چاهيو ته سندس مراد پوري ڪندو ۽ انهي سال هر آفت کان حفاظت ۾ رهندو.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُمَّ قَابِلَ تَوْبَةِ آدَمَ يَوْمَ عَاشُوْرَاءَ يَا

مُسَكِّنَ سَفِيْنَةِ نُوْحٍ عَلَى الْجُوْدِيِّ يَوْمَ عَاشُوْرَاءَ
يَاجَامِعَ شَمْلِ يَعْقُوْبَ يَوْمَ عَاشُوْرَاءَ يَاكَاشِفَ
ضُرِّ اَيُّوْبَ يَوْمَ عَاشُوْرَاءَ يَافَارِجَ كُرُبَتِهِ ذِى النُّوْنِ
يَوْمَ عَاشُوْرَاءَ يَا غَافِرَ ذَنْبِ دَاؤُدَ يَوْمَ عَاشُوْرَاءَ
يَا نَاصِرَ مُحَمَّدٍ رَّسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ
يَوْمَ عَاشُوْرَاءَ يَاوَلِىَّ الْحَسَنَاتِ يَادَافِعَ السَّيِّاٰتِ، يَاحَيُّ
يَاقَيُّوْمُ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ، يَامٰلِكَ يَوْمِ الدِّيْنِ
اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ، وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ
خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ بِرَحْمَتِكَ
يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ط

# ١٢، رَبِيعُ الاَوَّل

- هن بابرڪت رات ۾ ٻه ٻه رڪعتون ڪري ١٠، رڪتون نفل پڙهڻ گهرجن.
- سورة يٰسٓ، سورة مُلڪ، سورة فتح، سورة مزمل پڙهڻ گهرجن.
- دلائل الخيرات شريف جو هڪ ختم مبارڪ ڪيڻ گهُرجي.
- صَلوٰة تنجينا ١٠٠، دفعا پڙهڻ گهرجي.
- قُلْ هُوَ اللّٰهُ ١٠٠، دفعا پڙهڻ گهرجي.
- ختمه خواجگان نقشبنديه، پڙهڻ گهرجي.
- سلسله نقشبنديه جي نالن مبارڪن واري مناجات پڙهڻ گهرجي (جيڪا هن ڪتاب جي آخر ۾ آهي)
- خير خيرات ۽ عرس شريف پنهنجي توفيق آهر ڪرڻ گهرجي.

مذڪوره بالا سڀني عملن جو هديو پاڪ ڪريمن صلى الله عليه وآله وسلم جي دربار اقدس ۾ پيش ڪرڻ گهرجي.

# قُربَاني جي دُعَا

اَللّٰهُمَّ تَقَبَّلْ مِنِّيْ كَمَا تَقَبَّلْتَ مِنْ خَلِيْلِكَ اِبْرَاهِيْمَ
وَحَبِيْبِكَ مُحَمَّدٍ (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ)
(فتاویٰ فقه)

# مِعراج واري رات (٢٧ رجب جي رات) جا نفل دعائون

○ عشاء جي نماز کان پوءِ ٻه رڪعتون نفل پڙهي، پهرين رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ سوره 'فيل' (الم تر ڪيف) ۽ ٻي رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ سوره 'قريش' پڙهــي.

○ ڇهه (٦) رڪعتون پڙهي، هر رڪعت ۾ الحمد شريف کان پوءِ ٽي (٣) ڀيرا سوره قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ پڙهي. حاجتون پوريون ٿينديون ۽ دعا قبول ٿيــندي.

○ هڪ سؤ ڀيرا سوره اخلاص (قُلْ هُوَاللّٰه) بِسْمِ اللّٰهِ شريف سان پڙهي.

○ هڪ سؤ ڀيرا " اَسْتَغْفِرُاللّٰهَ الَّذِیْ هُوَ ذُوالْجَلَالِ وَالْاِکْرَامِ مِنْ جَمِیْعِ الذُّنُوْبِ وَالْاٰثَامِ پڙهي.

○ ٻارهن (١٢) رڪعتون هڪ سلام ۽ ڇهن قعدن سان پڙهي. هر رڪعت ۾ الحمد شريف کان پوءِ جيڪا سورة وڻيس سا پڙهي سلام کان پوءِ درود شريف هڪ سؤ ڀيرا سُبْحَانَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ الخ هڪ سؤ ڀيرا ۽ اَسْتَغْفِرُاللّٰهَ رَبِّیْ هڪ سؤ ڀيرا پڙهي جنهن به حاجت لاءِ دعا گهرندو اِنْ شَاءَاللّٰهُ تَعَالٰی قبول ٿيندي. جيڪڏهن دعا سجدي ۾ وڃي گهرجي ته اهان افضل آهي ۽ ٻئي ڏينهن تي روزو رکي.

⑨ ــ **نمازِ استخاره**:- ٻه رڪعتون - ان کان پوءِ دعاءِ استخاره پڙهجي.

⑩ ــ **نمازِ حاجت**:- ٻه رڪعتون ــ يا ــ چار رڪعتون (باقي هيٺ صلوٰة الحاجة ۾ پڙهو)

⑪ ــ **نمازِ سفر**:- سفر تي وڃڻ وقت ٻه رڪعتون ۽ سفر کان واپسي وقت ٻه رڪعتون.

⑫ ــ **نمازِ حِفظُ الاِيمَان**:- ٻه رڪعتون.

⑬ ــ **نماز قبر ۾ آساني لاءِ**:- ٻه رڪعتون جمعي جي رات جو پڙهڻ گهرجن.

⑭ ــ **نماز منڪر نڪير جي سوالن جي آساني لاءِ**:- ٻه رڪعتون جمعي جي رات جو پڙهڻ گهرجن.

---

اسانجي جد امجد صاحب العلم والعرفان حضرت قبله **شاهه آغا** سرهندي قُدِّسَ سِرُّهٗ پنهنجي ڪتاب **رَاحَةُ القُلوُب** ۾ صلوٰة الحاجة جي پڙهڻ جو طريقو هيٺين ريت لکيو آهي:

(مصنف)

# صَلوٰةُ الحَاجَة

ڪا به سخت ضرورت يا حاجت درپيش اچي يا ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ضروري ڪم پوي ته خدا تعالىٰ کان حاجت روائي ۽ مشڪل ڪشائيءَ لاءِ هيءُ نماز ۽ هيءُ دُعا پڙهي: ڀرين چڱي طرح سان وضو ڪري ٻه رڪعتون نفل نماز پڙهي خدا تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪري (سُبحَانَ اللهِ وَالحَمدُ لِلهِ

# اَمَن ۽ اَمان ۽ رزق جي فراواني لاءِ مُجرب دُعا

هي دعا حضرت ابراهيم عليه السّلام الله تعاليٰ جي بارگاهه بي نياز ۾ گهري هئي. هي دعا جيڪڏهن قحط جي وقت پڙهي وڃي ته ڪٽڪ هوا ۽ گل وغيره بي حساب پيدا ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن ڪا مصيبت اچڻ واري هجي ته الله تعاليٰ جي حڪم سان هن دعا جي مهابي ٽري وڃي ٿي. هن دعا جي پڙهڻ جو آسان طريقو هي آهي ته هر نماز کان پوءِ ست ڀيرا پڙهي، اول ۽ آخر ۾ ٣-٣ ڀيرا حبيب ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جو درود شريف پڙهي، ان شاء الله العزيز الله تعاليٰ پنهنجو رحم وڪرم نازل فرمائيندو. دُعا هي آهي:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَاِذۡ قَالَ اِبۡرٰهِيۡمُ رَبِّ اجۡعَلۡ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّارۡزُقۡ اَهۡلَهٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ مَنۡ اٰمَنَ مِنۡهُمۡ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ (سورة بقره)

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ صَلٰوةً تَغۡفِرُ بِهَا ذُنُوۡبَنَا وَتَسۡتُرُ بِهَا عُيُوۡبَنَا وَتَقۡضِىۡ بِهَا حَاجَاتِنَا وَتَرۡزُقۡنَا بِهَا وَشِفَاءَ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٌ (صلى الله عليه وآله وسلم)

# رات جو سمهڻ وقت وارا بابرڪت عمل

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

حضور اقدس صلی اللہ علیہ و آلہٖ وسلم جن هڪ ڀيري حضرت سيّدنا علي ڪرم الله وجهه کي ارشاد فرمايو ته اي علي (رضي الله تعالیٰ عنه)! رات جو روزانو پنج ڪم ڪري پوءِ سمهندا ڪريو:

① چار هزار دينار صدقو ڏيئي،
② هڪ قرآن پاڪ جو ختم پڙهي،
③ جنّت جي قيمت ڏيئي،
④ ٻن وڙهندڙن ۾ صلح ڪرائي،
⑤ ۽ هڪ حج ڪري.

حضرت علی المرتضیٰ عرض ڪيو ته قبلا! اهو محال آهي، مون کان اِهي سڀ ئي ڪم هڪ ئي وقت ڪيئن ٿي سگهندا؟.

پوءِ حضرت حبيب ڪريم صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو:

① چار ڀيرا سورة فاتحه (الحمد لله شريف) پڙهي سمهندا ڪريو، ان جو ثواب چار هزار دينار صدقو ڏيڻ جي برابر اوهان جي اعمالنامي ۾ لکيو ويندو.
② ٽي ڀيرا سورة قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ پڙهي سمهندا ڪريو ته قرآن پاڪ جي هڪ ختم پڙهڻ جي برابر ثواب ملندو.
③ ٽي ڀيرا درود شريف پڙهي سمهندا ڪريو ته جنّت جي قيمت ادا

ٿي ويندي.

④ ڏهه (١٠) ڀيرا استغفار پڙهي سمهندا ڪريو، ٻن وڙهندڙن ۾ صلح ڪرائڻ جي برابر ثواب ٿيندو.

أَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ رَبِّيْ مِنْ كُلِّ ذَنْبٍ وَّ اَتُوْبُ اِلَيْهِ.

⑤ چار ڀيرا ٽيون ڪلمون شريف پڙهي سمهندا ڪريو ته هڪ حج ادا ڪرڻ جيترو ثواب ملندو.

ٽيون ڪلمو تمجيد: سُبْحَانَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ ۝

اهو ٻڌي حضرت علي شيرِ خدا رضي الله تعاليٰ عنه عرض ڪيو ته ياحبيبي يارسول الله صلي الله عليه وآله وسلم هاڻي آئون روزانو رات جو اهي ڪم (عمل) ڪري پوءِ سمهندس.

# دعا

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُمَّ اَسْلَمْتُ نَفْسِىْ اِلَيْكَ وَفَوَّضْتُ اَمْرِىْ اِلَيْكَ وَوَجَّهْتُ
وَجْهِىَ اِلَيْكَ وَالْجَاْتُ ظَهْرِىْ اِلَيْكَ رَغْبَةً وَّرَهْبَةً اِلَيْكَ
لَا مَلْجَاَ وَلَا مَنْجٰى مِنْكَ اِلَّآ اِلَيْكَ اٰمَنْتُ بِكِتَابِكَ الَّذِىْ
اَنْزَلْتَ وَنَبِيِّكَ الَّذِىْ اَرْسَلْتَ ○ اَللّٰهُمَّ اَصْلِحْ لِىْ دِيْنِىَ
الَّذِىْ هُوَ عِصْمَةُ اَمْرِىْ وَاَصْلِحْ لِىْ دُنْيَاىَ الَّتِىْ فِيْهَا
مَعَاشِىْ وَاَصْلِحْ لِىْ اٰخِرَتِىَ الَّتِىْ فِيْهَا مَعَادِىْ وَاجْعَلِ
الْحَيَاةَ زِيَادَةً لِّىْ فِىْ كُلِّ خَيْرٍ وَّاجْعَلِ الْمَوْتَ رَاحَةً لِّىْ
مِنْ كُلِّ شَرٍّ ○

**ترجمون:-** اي منهنجا الله آءٌ پنهنجي وجود کي تنهنجي حوالي ڪريان ٿو ۽ پنهنجا معاملا توکي سونپيان ٿو. پنهنجو ڌيان توڏانهن ڪريان ٿو ۽ تو ڪان ئي عاجزيءَ سان خوف ڪندي مدد گهُران ٿو. تو کان سواءِ نه ڪا پناهه گاهه آهي نه ئي نجات. آءٌ تنهنجي موڪليل ڪتاب (قرآن مجيد)

۽ تنهنجي موڪليل نبي (حضرت محمد ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم) تي ايمان رکان ٿو. اي منهنجا الله! منهنجي دين جو اصلاح ڪر جيڪو منهنجو محافظ آهي ۽ منهنجي دنيا جو اصلاح ڪر جنهن ۾ منهنجو معاش آهي ۽ منهنجي آخرت کي بهتر ڪر جتي منهنجي واپسي ٿيندي ۽ منهنجي زندگي کي نيڪي ۽ چڱائي جي واڌ جو سبب بڻاءِ ۽ منهنجي موت کي هر شر ۽ بديءَ کان محفوظ ڪر.

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِيْ ذُنُوْبِيْ وَتُبْ عَلَيَّ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ.

## قرآني وظيفو براءِ امراض قلب

وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ — سورت يونس، آيت ٥٧، پاره ١١ قرآن مجيد

ترجمو: سينن جي بيمارين لاءِ قرآن ڪريم شفاءَ آهي. ترتيب وظيفي جي هي آهي:

مذڪوره آيت شريف روزانو هڪ سو دفعا پڙهي، اول ۽ آخر ۾ درود شريف پڙهيو وڃي ۽ پنهنجي دل ۽ سيني تي دم ڪيو وڃي. ان شاء الله العزيز دل جي تڪليف مان جلد شفا نصيب ٿيندي. اهو عمل گهٽ ۾ گهٽ ٤٠ ڏينهن ڪجي ۽ جيڪڏهن زياده پڙهندا ته وڌيڪ فائديمند ثابت ٿيندو.

(منقول از: تفسير مظهري عربي)

# دُعَا

## سَيِّدنَا حضرت صِدِّيق اَكبر رَضِيَ اللهُ عَنهُ

پاڻ هي دعا هر نماز کان پوءِ پڙهندا هئا

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

خُذْ بِلُطْفِكَ يَا اِلٰهِيْ مَنْ لَّهٗ زَادٌ قَلِيْلٌ

يا الٰهي لُطف کرتون عمل ٿيا سون وت قليل

مُفْلِسٌ بِالصِّدْقِ يَاْتِيْ عِنْدَ بَابِكَ جَلِيْلٌ

در تنهنجي تي دست خالي پيش آيس يا جليلُ

كَيْفَ حَالِيْ يَا اِلٰهِيْ لَيْسَ لِيْ خَيْرُ الْعَمَلْ

حال منهنجو ڪهڙو آهي نيڪيون نامن گهٽيون

سُوْءُ اَعْمَالِيْ كَثِيْرٌ زَادُ طَاعَاتِيْ قَلِيْلٌ

ٿيا بُرا اعمال بيحد بخش ڪرتون يا جليلُ

مِنَّهٗ عِصْيَانٌ وَّنِسْيَانٌ وَّسَهْوٌ بَعْدَ سَهْوٍ

مُنهنجي طرفان ٿو هجي غلطيون سدائين ٿيون ٿين

مِنْكَ اِحْسَانٌ وَّفَضْلٌ بَعْدَ اِعْطَاءِ الْجَزِيْلٌ

تنهنجي طرفان فضل ۽ احسان بيحد يا جليلُ

ذَنْبُهٗ ذَنْبٌ عَظِيْمٌ فَاغْفِرِ الذَّنْبَ الْعَظِيْمَ

ٿيون وڏيون منهنجون خطائون بخش سڀ ڪر جلد تون

اِنَّهٗ شَخْصٌ غَرِيْبٌ مُذْنِبٌ عَبْدٌ ذَلِيْلٌ

آهيان بيڪس خاطي پاڻهون عاجز يا جليلُ

عَافِنِيْ مِنْ كُلِّ دَاءٍ وَاقْضِ عَنِّيْ حَاجَتِيْ

مَرض کان مُعافي ملي ۽ حاجتون پوريون ٿين

اِنَّ لِيْ قَلْبًا سَقِيْمًا اَنْتَ مَنْ يَّشْفِي الْعَلِيْلُ

دل منهنجي بيمار آهي تون شفا ڏي يا جليل

قُلْ لِنَارٍ اَبْرِدِيْ يَا رَبِّيْ فِيْ حَقِّيْ كَمَا

حُڪم تنهنجي سان ٿڌي ٿي باھ ابراهيم تان

قُلْتَ قُلْنَا نَارُ كُوْنِيْ اَنْتَ فِيْ حَقِّ الْخَلِيْلُ

منهنجي حق ۾ باھ دوزخ پڻ ٿڌي ڪر يا جليل

طَالَ يَا رَبِّيْ ذُنُوْبِيْ مِثْلُ رَمْلٍ لَاتُعَدُّ

واريءَ جي ذرڙن مِثل منهنجا گناھ آهن گهڻا

فَاعْفُ عَنِّيْ كُلَّ ذَنْبٍ وَّاصْفِحِ الصَّفْحَ الْجَمِيْلُ

معاف ڪر سارا گناھ ۽ درگذر ڪر يا جليل

هَبْ لَنَا مُلْكًا كَبِيْرًا نَجِّنَا مِمَّا نَخَافُ

بهشت ٿي مون کي عطا ۽ خوف منهنجا دور ٿين

رَبَّنَا اِذْ اَنْتَ قَاضِيْ وَالْمُنَادِيْ جِبْرَئِيْلُ

ڏينهن قيامت ۾ ڪرم جي گهرج آهي يا جليل

اَنْتَ شَافِيْ اَنْتَ كَافِيْ فِيْ مُهِمَّاتِ الْاُمُوْرِ

تون ٿي شافي تون ڪافي سڀ ڪمن ۾ آهين تون

اَنْتَ رَبِّيْ اَنْتَ حَسْبِيْ اَنْتَ لِيْ نِعْمَ الْوَكِيْلُ

تون ئي ربي تون ئي حسبي تون ئي آهين يا جليل

رَبِّ هَبْ لِیْ کَنْزَ فَضْلٍ اَنْتَ وَهَّابٌ کَرِیْمٌ

کر عطا مون کي خزانا گنج پنهنجي مان گهڻا

اَعْطِنِیْ مَا فِیْ ضَمِیْرِیْ دُلَّنِیْ خَیْرَ الدَّلِیْلُ

دل منهنجي جا نيک مقصد پورا کر تون يا جليل

اَیْنَ مُوْسیٰ اَیْنَ عِیْسیٰ اَیْنَ یَحْییٰ اَیْنَ نُوْحٌ

موسیٰ ۽ عيسیٰ ۽ يحییٰ نوح نبي سڀ ويا ڪيڏانهن

اَنْتَ یَا صِدِّیْقُ عَاصٍ تُبْ اِلیٰ مَوْلَی الْجَلِیْلُ

ڊر تنهنجي تائب ٿيو صديق عاصي يا جليل

مترجم:

علامه عبدالوحيد سرهندي عفي عنه

١١، رمضان المبارڪ ١٣١٧ ھ

# هِيُ دُعَا:

حضور سرورِ ڪائنات صلى الله عليه وآله وسلم جن سيّدنا
حضرت ابوبڪر صديق رضى الله تعالىٰ عنه کي سيکاري هئي، جيڪا
نماز ۾ قعده ۾ درود شريف کان پوءِ اڪثر بزرگن جو معمول آهي:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ ظَلَمۡتُ نَفۡسِيۡ ظُلۡمًا ڪَثِيۡرًا
وَلَا يَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ اِلَّآ اَنۡتَ فَاغۡفِرۡ لِيۡ
مَغۡفِرَةً مِّنۡ عِنۡدِكَ وَارۡحَمۡنِيۡ اِنَّكَ
اَنۡتَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ

منقول از:
سيدنا حضرت صديق اڪبر رضى الله عنه
حواله از:
مشڪوٰة المصابيح

# حِزبُ البَحرِجي ترتيبُ ۽ زَڪوٰة

ٻارنهن ڏينهن روزا رکي (مهينو ڪهڙو به هجي، تاريخون ڪهڙيون به هجن) ۽ جلالي جمالي شين کان پرهيز ڪري يعني گوشت، ڪير ۽ ککڙ وغيره جا آنا نه کائي، فقط ماني ياچانور ڏڏ يا عام ڀاڄي سان کائي پوءِ هر روز غسل ڪري ۽ پاڪ اجاڪيڙا پائي ٻاهر شهر کان جتي ماڻهن جي گهٽ آمد رفت نه هجي مسجد جي بناء وانگر پٽ تي چاقوءَ سان يا ڪاٺي سان ليڪا ڪڍي ۽ مسجد ۾ داخل ٿيڻ لاءِ دروازو ڇڏي پوءِ اندر وڃي اهو در به بند ڪري ڇڏي. ليڪن ڪڍڻ وقت آية الڪرسي




۽ بِسمِ الله شريف پڙهندو رهي ۽ ڪجھ خوشبوءِ به پاڻ سان رکي، آخر ۾ ساڄو قدم اڳ ۾ رکي داخل ٿي دروازي وارو ليڪو ڪڍي بند ڪري ڇڏي. هاڻي ڇهه (٦) رڪعتون نفل پڙهي، ٻن رڪعتن جو ثواب حضور اڪرم عليه الصّلوٰة والسّلام جي روح مبارڪ کي بخشي، ٻين ٻن رڪعتن جو ثواب جميع انبياء واولياء ڪرام جي اروحن کي بخشي. وري به رڪعتون پڙهي ان جو ثواب حزب البحر جي مصنف شيخ ابوالحسن شاذلي رحمة الله عليه کي بخشي پوءِ باقاعده حزب البحر اشارن ۽ ترتيب مطابق ٽيهه (٣٠) ڀيرا پڙهي. اول ۾ ٣، ڀيرا اعتصام واري دعاءِ ٣، ڀيرا اختتام جي دعا پڙهي سجدو ڪري، سجدي ۾ پنهنجي مشڪلن ۽ مطلبن لاءِ دعائون گهري ليڪي کا ٻاهر نڪري ليڪا ڊاهي ڇڏي. اهڙي طرح ١٢، ڏينهن عمل ڪري. پوءِ هر روز هڪ دفعو صبح جو ۽ هڪ دفعو شام جو پڙهندو

رهي. تمام مشڪلات ديني و دنيوي لاءِ اهو وظيفو مجرب المجرب آهي.

اسان جا والد صاحب فرمائيندا هئا ته جيڪو زڪوٰة ڪڍي نه سگهي ته پلي بغير زڪوٰة جي پڙهڻ جي موڪل (اجازت) آهي تو ڙي مرد پڙهن يا زالون. وري خاص اسان وٽ اچي اجازت وٺڻ جي ضرورت نه آهي.

عبده فقير عبدالله
عرف شاه آغا عفي عنه

---

# اعتصام
# حِزْبُ الْبَحْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلٰوةً تُنْجِيْنَا بِهَا مِنْ جَمِيْعِ الْاَهْوَالِ وَالْاٰفَاتِ وَتَقْضِىْ لَنَا بِهَا جَمِيْعَ الْحَاجَاتِ وَتُطَهِّرُنَا بِهَا مِنْ جَمِيْعِ السَّيِّئَاتِ وَتَرْفَعُنَا بِهَا اَعْلَى الدَّرَجَاتِ وَتُبَلِّغُنَا بِهَا اَقْصَى الْغَايَاتِ مِنْ جَمِيْعِ الْخَيْرَاتِ فِى الْحَيٰوةِ وَبَعْدَ الْمَمَاتِ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (ٽي ڀيرا) اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ

رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۙ مٰلِكِ يَوْمِ
الدِّيْنِ ؕ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ؕ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ
الْمُسْتَقِيْمَ ۙ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ۬ غَيْرِ
الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ○ (تین پیرا)
اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۚ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ
وَّلَا نَوْمٌ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ مَنْ ذَا الَّذِيْ
يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ
وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ ۚ وَلَا يَئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ
الْعَظِيْمُ ○ (تین پیرا) ثُمَّ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ بَعْدِ
الْغَمِّ اَمَنَةً نُّعَاسًا يَّغْشٰى طَآئِفَةً مِّنْكُمْ ۙ وَطَآئِفَةٌ
قَدْ اَهَمَّتْهُمْ اَنْفُسُهُمْ يَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ ظَنَّ
الْجَاهِلِيَّةِ ؕ يَقُوْلُوْنَ هَلْ لَّنَا مِنَ الْاَمْرِ مِنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ
اِنَّ الْاَمْرَ كُلَّهٗ لِلّٰهِ ؕ يُخْفُوْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ مَّا لَا يُبْدُوْنَ

لَكَ ؕ يَقُوْلُوْنَ لَوْ كَانَ لَنَا مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ مَّا قُتِلْنَا هٰهُنَا
قُلْ لَّوْ كُنْتُمْ فِيْ بُيُوْتِكُمْ لَبَرَزَ الَّذِيْنَ كُتِبَ عَلَيْهِمُ
الْقَتْلُ اِلٰى مَضَاجِعِهِمْ ۚ وَلِيَبْتَلِيَ اللّٰهُ مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ
وَلِيُمَحِّصَ مَا فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ○
مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ
بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا ز
سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ
فِي التَّوْرٰىةِ ۖۛ وَمَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ ۚ كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْاَهٗ
فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ
لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ ؕ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا
الصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ○ رَبِّ سَهِّلْ
وَيَسِّرْ وَلَا تُعَسِّرْ عَلَيْنَا بِحَقِّ الف با تا ثا ج حا خا د ذ را
زا س ش ص ض طا ظا ع غ فا ق ك ل م ن و ه
لا ء ى ۔ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ يَا عَلِيُّ يَا عَظِيْمُ

يَا حَلِيْمُ يَا عَلِيْمُ اَنْتَ رَبِّيْ وَعِلْمُكَ حَسْبِيْ فَنِعْمَ الرَّبُّ
رَبِّيْ وَنِعْمَ الْحَسْبُ حَسْبِيْ تَنْصُرُ مَنْ تَشَآءُ وَ اَنْتَ
الْعَزِيْزُ الْحَلِيْمُ نَسْئَلُكَ الْعِصْمَةَ فِي الْحَرَكَاتِ وَالسَّكَنَاتِ
وَالْكَلِمَاتِ وَالْاِرَادَاتِ وَالْخَطَرَاتِ مِنَ الشُّكُوْكِ
وَالظُّنُوْنِ وَالْاَوْهَامِ السَّاتِرَةِ لِلْقُلُوْبِ عَنْ مُّطَالِعَةِ الْغُيُوْبِ
فَقَدِ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَزُلْزِلُوْا زِلْزَالًا شَدِيْدًا ۥ وَاِذْ يَقُوْلُ
الْمُنَافِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ مَّا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ
اِلَّا غُرُوْرًا فَثَبِّتْنَا وَانْصُرْنَا وَسَخِّرْلَنَا هٰذَا الْبَحْرَ كَمَا سَخَّرْتَ
الْبَحْرَ لِمُوْسٰى عَلَيْهِ السَّلَامُ وَسَخَّرْتَ النَّارَ لِاِبْرَاهِيْمَ عَلَيْهِ
السَّلَامُ وَسَخَّرْتَ الْجِبَالَ وَالْحَدِيْدَ لِدَاوٗدَ عَلَيْهِ السَّلَامُ
وَسَخَّرْتَ الرِّيَاحَ وَالشَّيٰطِيْنَ وَالْجِنَّ وَالْاِنْسَ لِسُلَيْمَانَ
عَلَيْهِ السَّلَامُ وَسَخَّرْتَ الْبُرَاقَ وَالثَّقَلَيْنِ لِسَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ
صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَسَخِّرْلَنَا كُلَّ بَحْرٍ هُوَلَكَ فِي الْاَرْضِ
وَالسَّمَآءِ وَالْمُلْكِ وَالْمَلَكُوْتِ وَبَحْرَ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ

ك هت پنهنجو مقصد خيال ۾ آڻي. گهه هت مقصد ڏانهن اشارو ڪري.

مِنْكَ وَاَبْصِرْنِی بِکَ اِنَّکَ عَلٰی کُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ؕ وَلَا حَوْلَ وَلَا
قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِیِّ الْعَظِیْمِ ؕ یَا سَمِیْعُ یَا عَلِیْمُ یَا حَلِیْمُ یَا عَظِیْمُ
اِسْمَعْ دُعَائِیْ بِخَصَائِصِ لُطْفِکَ اٰمِیْنَ اٰمِیْنَ اَعُوْذُ بِکَلِمَاتِ
اللّٰهِ التَّامَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ یَا عَظِیْمَ السُّلْطَانِ یَا قَدِیْمَ
الْاِحْسَانِ یَا دَائِمَ النِّعَمِ یَا بَاسِطَ الرِّزْقِ یَا وَاسِعَ الْعَطَاءِ
یَا دَافِعَ الْبَلَاءِ یَا سَامِعَ الدُّعَاءِ یَا حَاضِرًا لَیْسَ بِغَائِبٍ یَا مَوْجُوْدًا
عِنْدَ الشَّدَائِدِ یَا خَفِیَّ اللُّطْفِ یَا لَطِیْفَ الصُّنْعِ یَا جَمِیْلَ السَّتْرِ
یَا حَلِیْمًا لَا یَعْجَلُ یَا جَوَادًا لَا یَبْخَلُ اِقْضِ حَاجَاتِیْ یَا مَنْ
لَهُ الْاَمْرُ کُلُّهٗ اَسْئَلُکَ مِنَ الْخَیْرِ کُلِّهٖ وَاَعُوْذُ بِکَ مِنَ
الشَّرِّ کُلِّهٖ یَا مُجِیْبُ اَجِبْ دَعْوَتِیْ بِرَحْمَتِکَ یَا اَرْحَمَ
الرَّاحِمِیْنَ ؕ

# ترتيب ختم خواجگان

از قلم: صَاحِبُ الْعِلمِ وَالْعِرفَان حضرت قبله شاه آغا سرهندي مُجددي قُدِّسَ سِرُّهُ الْعَزِيْزُ

اسان جي طريقي نقشبنديه ۾ حضرات مجدديه ۽ خلفاءِ طريقه نقشبنديه ۾ هي ختم خواجگان مشهور و معروف، باعثِ فيوض باطني و نزول برڪات وحصول مقامات سِيَر و سُلوڪ آهي. مقاصد ديني و دنيوي حل مشڪلات و قضاءِ حاجات لاءِ مجرّب آهي. قديم زماني کان اهو وظيفو معمول آهي، مگر هن زماني ۾ هن جو رواج گهٽجي ويو آهي، تنهن ڪري اسين هن جي ترتيب لکون ٿا ۽ پنهنجن مخلص دوستن عزيزن کي هن جو تاڪيد ڪريون ٿا.

اسان جي ڏاڏي ۽ والد شريف جو طريقو هي هو ته عصر نماز کان بعد مسجد شريف ۾ باجماعت حاضرين حلقو ڪري ويهندا هئا ۽ اڇي چادر وچ ۾ وڇائيندا هئا، تنهن تي هڪ سو عدد پٿريون پکيڙيندا هئا ۽ ٻيون ڏهه پٿريون حساب جي واسطي پنهنجي اڳيان محفوظ رکندا هئا. پهرين ٻُڪ ڪٽي باجماعت سُوْرَةُ فَاتِحَهْ پڙهندا هئا، پوءِ درود شريف سَوُ (١٠٠) ڀيرا پڙهندا هئا پوءِ انهن سَوَ پٿرين مان ٢١ پٿريون ڪڍي باقي ٧٩ پٿرين تي سورة اَلَمْ نَشْرَحْ ٧٩ ڀيرا پڙهندا هئا، پوءِ اُهي ٢١ پٿريون وري انهن سان گڏي سَوُ عدد پورو ڪندا هئا ۽ جماعت تي تقسيم ڪري قُلْ هُوَ اللهُ اَحَدٌ شروع ڪندا هئا، ۽ هزار ڀيرا قُلْ هُوَاللهُ شريف پڙهائيندا هئا، وري ٻُڪ مٺي ڪٽي سوره فاتحه پڙهندا هئا ۽ تنهن کان پوءِ درود شريف سَوُ ڀيرا پڙهي لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ

إِلَّا بِاللّٰهِ، ٥٠٠ (پنج سؤ) ڀيرا پڙهندا هئا، وري درود شريف ٽئو ڀيرا پڙهي حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ پنج سؤ ڀيرا پڙهندا هئا، وري درود شريف ٽئو ڀيرا پڙهي لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحَانَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ پنج ٽئو ڀيرا پڙهندا هئا، ۽ درود شريف هڪ سو (١٠٠) ڀيرا پڙهي:

١. يَا قَاضِيَ الْحَاجَاتِ ٽئو ڀيرا
٢. يَا كَافِيَ الْمُهِمَّاتِ ٽئو ڀيرا
٣. يَا كَاشِفَ الْمُشْكِلَاتِ ٽئو ڀيرا
٤. يَا دَافِعَ الْبَلِيَّاتِ ٽئو ڀيرا
٥. يَا مُجِيْبَ الدَّعَوَاتِ ٽئو ڀيرا
٦. يَا شَافِيَ الْاَمْرَاضِ ٽئو ڀيرا
٧. يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ٽئو ڀيرا

پڙهي ختمون پورو ڪندا هئا.

پوءِ ايصال ثواب ۽ پچاڙي ۾ دُعا هن طرح پڙهندا هئا:

(نوٽ:- دعا جو سنڌي ۾ ترجمو پويان ڏنو ويو آهي، اُن ڪري دعا سنڌي ۾ ب گهري سگهجي ٿي ۽ ثواب ساڳيوئي ملندو)

اِلٰهي تُو قُبول گرداں ثَوابِ اِيں خَتمات مُبارِكات بَرُوحِ پُرفُتُوحِ حضرت مُحَمَّد مُصطفٰى اَحمد مُجتَبٰى صَلَّى اللّٰهُ تعالٰى عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم وَ اَهلِبَيتِ اَطهار ايشاں وَ اَصحاب اَخيار ايشاں و تَابِعِين ايشاں خصوصًا ثواب ختمهٔ اول (يعني قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ) ــــــ بروحانيت حضرات خواجگانِ نقشبنديه قدس اللّٰه تعالٰى اسرارهم

ازحضرت صديق اڪبر رضی الله تعالیٰ عنه تابحضرت مرشدي ومولائي خواجه محمد حسن جان (يا جيڪو سندس پير مرشد هجي انهن جو نالو وٺي) برسان.

الاهي ارواح متبرڪهٔ ايشان بدرگاهِ تو شفيع آورده و وسيله ساختم حاجات ديني و دنيوي از تو ميخواهم اَللّٰهُمَّ اقْضِ حَاجَاتِنَا وَحَاجَاتِ مَنْ اَوْصَانَا بِالدُّعَاءِ وَحَصِّلْ مُرَادَاتِنَا وَمُرَادَاتِ مَنْ اَوْصَانَا بِالدُّعَاءِ. وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ.

**دعا جو سنڌي ۾ ترجمو:**

ياالاهي تون هنن ختمن مبارڪن جو ثواب پاڪ ڪريمن (صلی الله عليه وآله وصحبه وسلم) ۽ اهل بيتن ۽ اصحابن ۽ تابعين جي روحن مبارڪن کي پهچاءِ خصوصًا پهرئين ختمي قُلْ هُوَاللّٰهُ جو ثواب حضرات نقشبنديه جي روحن کي پهچاءِ يعني حضرت ابوبڪر صديق (رضی الله عنه) کان منهنجي مرشد تائين سڀني جي روحن کي ثواب پهچاءِ.

اي منهنجا رب آئون، نقشبنديه حضرات جي روحن مبارڪن کي تنهنجي دربار ۾ سفارشي آڻيان ٿو ۽ پنهنجي لاءِ انهن کي وسيلو بڻايان ٿو. يارب آئون توکان ديني ۽ دنيوي حاجتون طلب ڪريان ٿو.

اَللّٰهُمَّ اِقْضِ حَاجَاتِنَا وَحَاجَاتِ مَنْ اَوْصَانَا بِالدُّعَاءِ

اي اسان جا رب! اسان جون ضرورتون پوريون فرماءِ ۽ جن ماڻهن اسان کي دعا لاءِ چيو آهي انهن جون ضرورتون به پوريون فرمائي.

وَحَصِّلْ مُرَادَاتِنَا وَمُرَادَاتِ مَنْ اَوْصَانَا بِالدُّعَاءِ

۽ اسان جون مرادون پوريون فرماءِ جن ماڻهن اسان کي دُعا لاءِ چيو آهي انهن جون ضرورتون پوريون فرمائي.

وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمْ

---

## حَدِيْثُ النَّبَوِیْ

عَنْ اَبِیْ هُرَيْرَةَ رضى الله عنهُ قَالَ قَالَ النَّبِیُّ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمْ كَلِمَتَانِ حَبِيْبَتَانِ اِلَى الرَّحْمٰنِ خَفِيْفَتَانِ عَلَى اللِّسَانِ ثَقِيْلَتَانِ فِى الْمِيْزَانِ: سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ سُبْحَانَ اللّٰهِ الْعَظِيْمِ.

رواه البُخاری

ترجمو: رسول عربي صلى الله عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو آهي ته، ٻه ڪلمان الله تعالىٰ وٽ محبوب آهن جيڪي پڙهڻ ۾ تمام آسان آهن ۽ ميزان تي تمام ڳرا هوندا. (اهي هي آهن)

سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ ❊ سُبْحَانَ اللّٰهِ الْعَظِيْمِ

(مذڪوره حديث شريف بخاري شريف جي آخري حديث آهي)

عبده عبدالوحيد سرهندي
از: ٽنڊو سائينداد

# جنازه نماز پڙهڻ جي صحيح ترتيب هي آهي:

سڀ کان اوّل توهان جماعت کي جنازي جي نماز جي نيت ڪرايو ؛ نيت هي آهي:

نيت ڪيم نماز جنازي جي، چئن تڪبيرن سان، فرض ڪفايه، حمد ۽ ثنا الله تعاليٰ لاءِ، درود نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم تي. مغفرت جي دُعا خاص هن ميت لاءِ، منهن طرف ڪعبة الله شريف. جيڪڏهن جماعتي آهي ته ”پنهنجي امام“ چوي ۽ جيڪڏهن امام هجي ته چوي ”امام هن جماعت جو“ ان کان پوءِ پهرين تڪبير هڻي سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ چوي اُها هي آهي:

سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمْدِكَ وَتَبَارَكَ اسْمُكَ وَجَلَّ ثَنَائُكَ وَتَعَالٰى جَدُّكَ وَلَآ اِلٰـهَ غَيْرُكَ ط

ان کان پوءِ ٻي تڪبير هڻي درود شريف پڙهي، اهو درود شريف هي آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى سَيِّدِنَا اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ط اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى سَيِّدِنَا اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ط

ان کان پوءِ ٽين تڪبير هڻي، دُعا گهري. اُها دُعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِحَيِّنَا وَمَيِّتِنَا وَشَاهِدِنَا وَغَائِبِنَا وَصَغِيْرِنَا وَكَبِيْرِنَا وَذَكَرِنَا وَاُنْثَانَا ط اَللّٰهُمَّ مَنْ اَحْيَيْتَهٗ مِنَّا فَاَحْيِهٖ عَلَى الْاِسْلَامِ وَمَنْ تَوَفَّيْتَهٗ مِنَّا

فَتَوَفَّهُ عَلَى الْاِيْمَانِ ط

ان کان پوءِ چوٿين تڪبير چئي سلام ورايو.

ان کان پوءِ جماعت جون صفون ختم ڪري الحمد شريف ۽ ٽي قُلْ شريف پڙهي سڀئي جماعت وارا گڏجي فوتي جي مغفرت لاءِ دُعا گهُرن چوته حديث شريف ۾ حُڪم آيو آهي ته: إِذَا صَلَّيْتُمْ عَلَى الْمَيِّتِ مِنَ الدُّعَاءِ - ترجمه: توهان جڏهن فوتي تي نماز پڙهو اُن کان پوءِ فوتي لاءِ خلوصِ دل سان دُعا گهُرو.

مسئله:- جنازه نماز ۾ پهرين تڪبير کان سواءِ ٻين ٽن تڪبيرن ۾ هٿ نه کڻبا.

ضروري وضاحت:- جنازه نماز کان پوءِ ميت لاءِ "اسقاط" ڪرڻ گهرجي، ان کان پوءِ ميت جي پير سان قبر ۾ "عهد نامه شريف" رکيو وڃي. تدفين کان پوءِ قبر تي اذان ڏني وڃي. سورة بقر جو پهريون رڪوع قبر جي سيراندي کان ۽ آخري رڪوع قبر جي پيراندي کان پڙهيو وڃي. اَلْحَمْدُ شَرِيْف ۽ ٽي قُلْ، آيَةُ الْكُرْسِي ۽ "درود روحي" پڙهي ميت جي بخشش لاءِ اجتماعي دعا گهُري وڃي. قبر تي جيترو وقت ٿي سگهي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرائي وڃي، فوتي جي روح کي ايصال ثواب لاءِ ٽيجهو، ڏهو، چاليهو ۽ ٻارهو ضرور ڪرڻ گهرجي.

# فاتحه جو طريقو

هر اها شيءِ جيڪا حلال هجي يعني ميوو ، مٺائي ۽ ڪاڌي وغيره تي فاتحه ڏني وڃي ٿي ۽ قبرستان يا ڪنهن مزار تي صاحب مزار جي سامهون منهن ڪري ويهي ڪري فاتحه پڙهو جو توهان جي پٺي قبلي جي طرف هجي.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ۙ﴿﴾ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۙ﴿﴾ مٰلِکِ یَوۡمِ الدِّیۡنِ ؕ﴿﴾ اِیَّاکَ نَعۡبُدُ وَ اِیَّاکَ نَسۡتَعِیۡنُ ؕ﴿﴾ اِہۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِیۡمَ ۙ﴿﴾ صِرَاطَ الَّذِیۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَیۡہِمۡ ۙ۬ غَیۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَیۡہِمۡ وَ لَا الضَّآلِّیۡنَ ٪﴿﴾ اٰمِیۡنَ ﴿﴾

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

الٓمّٓ ۚ﴿﴾ ذٰلِکَ الۡکِتٰبُ لَا رَیۡبَ ۚۖۛ فِیۡہِ ۚۛ ہُدًی لِّلۡمُتَّقِیۡنَ ۙ﴿﴾ الَّذِیۡنَ یُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡغَیۡبِ وَ یُقِیۡمُوۡنَ الصَّلٰوۃَ وَ مِمَّا رَزَقۡنٰہُمۡ یُنۡفِقُوۡنَ ۙ﴿﴾ وَ الَّذِیۡنَ یُؤۡمِنُوۡنَ بِمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَیۡکَ وَ مَاۤ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِکَ ۚ وَ بِالۡاٰخِرَۃِ ہُمۡ یُوۡقِنُوۡنَ ؕ﴿﴾ اُولٰٓئِکَ عَلٰی ہُدًی

مِّنْ رَّبِّهِمْ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝

وَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۝ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ۝

اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ۝ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ

اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ۝ مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ

وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ

عَلِيْمًا ۝ اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ۝

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۝ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ۝ وَلَآ اَنْتُمْ

عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۝ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ۝ وَلَآ اَنْتُمْ

عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۝ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ۝

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۝ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۝ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ۝

وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۝

(اها سورة ڏي پيرا پڙهجي)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۙ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۙ وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِی الْعُقَدِ ۙ وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ۟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ مَلِكِ النَّاسِ ۙ اِلٰهِ النَّاسِ ۙ مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۙ الْخَنَّاسِ ۙ الَّذِیْ يُوَسْوِسُ فِیْ صُدُوْرِ النَّاسِ ۙ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ ۟

ان کان پوءِ درود تاج يا هي درود شريف پڙهجي:-

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ صَلٰوةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ط

سُبْحَانَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ۝ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ۝ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝

ان کان پوءِ ربّ العزّت جي بارگاهہ ۾ دُعا گُهري، ٻئي هٿ آسمان طرف ايترا مٿي کڻي جو ڪُڇن کان مٿي ٿي پون ۽ خداوند قدّوس جي حضور ۾ نهايت عاجزي سان عرض ڪري ته يا الله ڪريم! هي جو ڪجهہ مون پڙهيو ۽ هي جو ڪجهہ طعام وغيرہ

آهي اهو سڀ ڪجهه تنهنجي نذر آهي ان کي قبول فرماءِ ۽ ان جو ثواب حضور اڪرم محمد رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي بارگاهه ۾ پهچاءِ ۽ سندن وسيله جليله سان ان جو ثواب جمله انبياءِ ۽ مرسلين ۽ اصحاب ڪرام، اهلبيت عظام ۽ جمله اولياءِ اُمت رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين ۽ خاص ڪري ان جو ثواب فلاني شخص (ان جو نالو وٺي) ۽ مڙني مؤمن مردن ۽ عورتن کي پهچاءِ. فاتحه کان پوءِ ٻئي هٿ پنهنجي مُنهن تي ڦيرڻ گهرجن.

# سيدنا اُمّي صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم

اُمّ: معنيٰ اَصل، بُنياد، فائونڊيشن.

ي: عربي گرامر موجب نسبت آهي. يعني حضور نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جن ڪل ڪائنات جو اصل ۽ بنياد آهن. في الحقيقة سندن نُور مان سموري ڪائنات وجود ۾ آئي. مطلب ته مُحمّد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ڪائنات جي ايجاد جو ڪارڻ، اصل ۽ بُنياد آهن.

منقول از: للغات في غريب القرآن.

بقلم عبده عبدالوحيد سرهندي
ٽنڊو سائينداد

وَعلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَااَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ؕ

**نوٽ:** فقه حنفي جي مشهور مُستند فتوىٰ جي ڪتاب دُرِمختار ۾ لکيل آهي ته عهد نامه شريف کي قبر ۾ رکڻ جائز آهي.

حوالو ڏسندا:

ڪتاب دُرمختار جلد ثاني، صفحو: ٢٣٦
باب: صلوٰة الجنازه.

---

جان جان پائنين نماز، تان تان ناهي نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئُو
(شاهه قدس سره)

---

## حديث النبوي

وعن ابي هريرة رضى الله تعالىٰ عنه قال قال رسُول الله صلى الله عليه وسلم ثلاث دعواة مستجابات دعوة الوالد وعوة المسافر ودعوة المظلوم۔

رواه الترمذى وابو داوٗد وابن ماجه

يعني پاڪ ڪريمن صلى الله عليه وآله وسلم ارشاد فرمايو ته ٽن ماڻهن جون دعائون مقبول آهن: (١) پيءُ جي دُعا (اولاد لاءِ) (٢) مسافر جي دُعا (٣) مظلوم جي دُعا. رواه الترمذي وابو داوٗد وابن ماجه.

عبدالوحيد سرهندي

بسم الله الرحمٰن الرحيم
نحمده ونصلي ونسلم

# مُتبرک دُعا

هي متبرڪ دعاهر قسم جي بيماري ۽ پريشاني لاءِ ڪاغذ تي لکي گهر ۾ لڳائي ڇڏجي، اُميد ته جلد شفا ملندي.

بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِی لَا یَضُرُّ مَعَ اسْمِهٖ شَیْءٌ فِی الْاَرْضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْمُ ۝ اَعُوْذُ بِکَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ۝

لِیْ خَمْسَةٌ اُطْفِیْ بِهِمْ حَرَّ الْوَبَآءِ الْحَاطِمَهْ
اَلْمُصْطَفٰی وَالْمُرْتَضٰی وَابْنَاهُمَا وَالْفَاطِمَهْ

ترجمه:- مون وٽ اهي پنج عظيم شخصيتون آهن، جن جي وسيلي سان وَبا جي سخت باهه ختم ٿي ويندي.

اهي ﷺ پاڪ ڪريم، حضرت علي، امام حسن، امام حسين ۽ بي بي سيده فاطمه جن آهن. (رضي الله تعالىٰ عنهم اجمعين)

منقول از کتاب "اَنيس المريدين"
تاليف
تاج الاوليا حضرت آغا محمد حسن جان سرهندي
فاروقي قدس سرهٗ.

# اکين جي تڪليف لاءِ مجرب بيت

اکين جي هر قسم جي بيمارين لاءِ هيٺيان ٻہ بيت نهايت مجرب ۽ مفيد آهن. اسانجا حضرت صاحب سراج الاولياء حضرت آغا عبدالرحمان جان سرهندي قدس سره جن هي بيت پڙهي صبح ۽ شام اکين جي هر قسم جي بيماري لاءِ دم ڪندا هئا، ۽ ڪڏهن هي بيت بطور تعويذ لکي ڏيندا هئا.

اهي بيت هي آهن: "صفحہ نمبر ۸۴، انيس المريدين"

بسم الله الرحمٰن الرحيم
نحمده ونصلي ونسلم

## اِذَا مَا رَمِدَتْ عَيْنِيْ فَكُحْلُهَا ۞ تُرَابٌ مَسَّ نَعْلَ اَبِيْ تُرَابٍ
## هُوَ الْبَكَّاءُ فِي الْمِحْرَابِ لَيْلًا ۞ هُوَ الضَّحَّاكُ فِيْ يَوْمِ الْحِرَابِ

ترجمہ:- جڏهن مون کي اکين ۾ ڪا تڪليف ٿيندي آهي تہ پوءِ ان لاءِ مون وٽ حضرت علي رضي الله تعالىٰ عنہ جي جُتي مُبارڪ جي خاڪ سُرمون آهي.

حضرت علي المرتضىٰ رضي الله تعالىٰ عنہ اهي بهادر آهن، جو پاڻ جڏهن (رات جي وچ عبادت لاءِ) بيهندا هئا تہ الله جي خوف کان روئندا هئا. ۽ جڏهن پاڻ جنگ جي ميدان ۾ بيهندا هئا تہ (هر وقت) کلندا هئا.

از: ڪتاب انيس المريدين صفحو: ۸۴

بقلم: عبدالوحيد عفي عنہ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ وَنُسَلِّمُ

قَدِمْتُ عَلَى الْكَرِيْمِ بِغَيْرِ زَادٍ ❊ مِنَ الْاَعْمَالِ وَالْقَلْبِ السَّلِيْمِ
حَمْلُ الزَّادِ اَقْبَحُ كُلِّ شَيْءٍ ❊ اِذَا كَانَ الْقُدُوْمُ اِلَى الْكَرِيْمِ

امام العارفين حضرت بايزيد بسطامي
رحمة الله تعالىٰ عليه

ترجمو:- آئون رب العٰلمين جي دربار ۾ بنا ڪنهن توشي ۽ نيڪ عمل جي پهتو آهيان، ڇوته سخي جي در تي هميشه خالي هٿين سان وڃبو آهي.

هي بيت وقت جي ڪامل ولي ۽ نقشبندي سلسله جي هڪ عظيم مُرشد ۽ رهبر امام العارفين حضرت بايزيد بُسطامي رحمة الله عليه جن جا چيل آهن سندن ولادت باسعادت ١٣٦هه ۾ بُسطام جي شهر ملڪ شام ۾ ٿي، پاڻ پنهنجي وقت جا نهايت عابد زاهد ۽ طريقت ۽ شريعت جا امام هئا.

هي بيت نهايت ئي متبرڪ آهن. اسانجي حضرت صاحب آغا محمد حسن جان سرهندي رحمة الله عليه جن هڪ چادر تي لکيا ۽ پاڻ حڪم فرمايو ته اها چادر ڏولي جي مٿان رکو. الحمدُلله اڄ ڏينهن تائين اها چادر مبارڪ موجود آهي ۽ سندن حُڪم موجب اها ڏولي تي رکي وڃي ٿي. هي بيت ميّت جي ڪفن تي به لکي سگهجن ٿا.

بقلم:
عبدالوحيد سرهندي عفي عنه

## صبح جواڻ وقت جي دعا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ اَحْيَانَا بَعْدَ مَا اَمَاتَنَا
وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ ط

○

## سُمهڻ وقت جي دعا

بِاسْمِكَ اَللّٰهُمَّ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا ط

○

## سواري تي سوار ٿيڻ جي دعا

سُبْحَانَ الَّذِىْ سَخَّرَلَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا لَهٗ
مُقْرِنِيْنَ ط وَاِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ط

○

## خُطبہ اوّل برائے جُمعۃُ المُبارکہ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ الَّذِیۡ جَعَلَ یَوۡمَ الۡجُمُعَۃِ سَیِّدَ الۡاَیَّامِ ۞
وَلَا نَعۡبُدُ وَلَا نَسۡتَعِیۡنُ اِلَّآ اِیَّاہُ وَھُوَ الَّذِیۡ فَرَضَ
صَلٰوۃَ الۡجُمُعَۃِ بِقَوۡلِہٖ تَعَالٰی اِذَا نُوۡدِیَ لِلصَّلٰوۃِ مِنۡ
یَّوۡمِ الۡجُمُعَۃِ فَاسۡعَوۡا اِلٰی ذِکۡرِ اللّٰہِ ۞ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ
عَلٰی مُحَمَّدٍ سَیِّدِ الۡاَنَامِ ۞ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَاَصۡحَابِہِ الۡکِرَامِ ۞
خُصُوۡصًا عَلٰی اَفۡضَلِ الۡبَشَرِ بَعۡدَ الۡاَنۡبِیَآءِ بِالتَّحۡقِیۡقِ ۞
اَمِیۡرِ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ اَبِیۡ بَکۡرِنِ الصِّدِّیۡقِ ۞ وَعَلَی النَّاطِقِ
بِالصِّدۡقِ وَالصَّوَابِ ۞ اَمِیۡرِ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ عُمَرَ بۡنِ الۡخَطَّابِ ۞
وَعَلٰی کَامِلِ الۡحَیَآءِ وَالۡاِیۡقَانِ ۞ اَمِیۡرِ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ عُثۡمَانَ
بۡنِ عَفَّانَ ۞ وَعَلٰی غَالِبِ کُلِّ غَالِبٍ اَمِیۡرِ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ عَلِیِّ
ابۡنِ اَبِیۡ طَالِبٍ ۞ وَعَلَی الۡاِمَامَیۡنِ الۡھُمَامَیۡنِ السَّعِیۡدَیۡنِ
الشَّھِیۡدَیۡنِ اَبِیۡ مُحَمَّدِنِ الۡحَسَنِ وَاَبِیۡ عَبۡدِاللّٰہِ الۡحُسَیۡنِ ۞

وَعَلٰٓى اُمِّهِمَا سَيِّدَةِ النِّسَآءِ فَاطِمَةِ الزَّهْرَآءِ ❖ وَعَلٰٓى عَمَّيْهِ الشَّرِيْفَيْنِ الْمُطَهَّرَيْنِ مِنَ الْاَدْنَاسِ اَلْحَمْزَةِ وَالْعَبَّاسِ ❖ وَعَلَى السِّتَّةِ الْبَاقِيَةِ مِنَ الْعَشَرَةِ الْمُبَشَّرَةِ وَسَآئِرِ الصَّحَابَةِ وَالتَّابِعِيْنَ رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْنَ ۞ بَارَكَ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ فِى الْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ وَنَفَعَنَا وَاِيَّاكُمْ بِالْاٰيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ

## مَنْظُوْمُ خُطْبَهٔ اَوَّل برائے جُمُعَةُ الْمُبَارَكَةِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِرَبٍّ هُوَ شَافٍ لِّسَقِيْمٍ
وَالشُّكْرُ لِمَنْ اَرْحَمُ مِنْ كُلِّ رَحِيْمٍ
اَلْعَالِمُ وَالْوَاحِدُ وَ الْبَاقِىْ اَبَدًا
وَ الْغَافِرُ لِلذَّنْبِ جَدِيْدٍ وَّقَدِيْمٍ
اَلظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَ النَّافِعُ حَقًّا
اَلرَّازِقُ لِلْعَبْدِ وَاِنْ كَانَ اَثِيْمٍ

اَلْحَاكِمُ وَالنَّافِذُ لِلْحُكْمِ سَرِيْعًا
لَامَانِعَ مَايُوْصِلُ مِنْ فَضْلٍ كَرِيْمٍ

اَلْعَالِمُ وَالنَّاظِرُ فِىْ كُلِّ اَوَانٍ
وَالْحَافِظُ مِنْ نَّارِ سَعِيْرٍ وَّجَحِيْمٍ

اَلْقَابِضُ وَالْبَاسِطُ وَالرَّافِعُ رَبِّىْ
اَلْمُحْيِىْ لِلْمَيِّتِ مِنْ عَظْمٍ رَمِيْمٍ

وَاَشْهَدُ بِاللّٰهِ لَهٗ لَيْسَ نَظِيْرٌ
اَلْخَالِقُ لِلْعِيْسٰى مِنْ بَطْنٍ عَقِيْمٍ

وَاَشْهَدُ بِالصَّادِقِ لِلْخَيْرِ جَلِىٍّ
اَلْقَاسِمُ لِلْكَوْثَرِ مِنْ كَرَمٍ عَمِيْمٍ

فَعَلَيْهِ صَلٰوةٌ وَّسَلَامٌ بِكَمَالٍ
مِنْ عِنْدِ هُوَ الْقَادِرُ مِنْ غَيْرِ نَدِيْمٍ

وَالْمَلَكُ يُصَلُّوْنَ عَلٰى اَفْضَلِ رُسُلٍ
وَالنَّاسُ جَمِيْعُوْنَ بِاٰدَابٍ عَظِيْمٍ

وَعَلٰى اَوَّلِ اَصْحَابِ نَبِيٍّ وَّ رَسُوْلٍ
صِدِّيْقٍ رَفِيْقٍ هُوَ فِي الْغَارِ نَدِيْم

وَعَلٰى اَعْدَلِهِمْ نَاطِقٍ بِالْحَقِّ صَوَابًا
مِنْ هَيْبَتِهٖ فَرَّ اِبْلِيْسُ رَجِيْم

وَعَلٰى اَحْلَمِهِمْ جَامِعِ اٰيَاتٍ شَرِيْفٍ
عُثْمَانَ شَهِيْدٍ بِيَدِ الْقَوْمِ رَجِيْم

وَعَلٰى زَوْجِ بَتُوْلٍ اَسَدِ اللّٰهِ وَلِيٍّ
هُوَ فَاتِحُ لِلْخَيْبَرِ مِنْ فَضْلِ عَمِيْم

وَعَلٰى قُرَّةِ عَيْنَيْهِ شَهِيْدَيْنِ كَرِيْمَيْنِ
حَسَنَيْنِ سَعِيْدَيْنِ بِجَنّٰتِ نَعِيْم

وَعَلٰى حَمْزَةٍ عَبَّاسٍ خَيَارَيْنِ اَمِيْرَيْنِ
عَمَّيْنِ شَرِيْفَيْنِ رَسُوْلٍ وَّكَرِيْم

وَعَلٰى بِنْتِ رَسُوْلٍ هِيَ زَهْرَآءُ بَتُوْلٌ
لِلْخَلْقِ ضَمِيْنٌ هِيَ فِيْ يَوْمٍ سَهِيْم

وَعَلٰى سَائِرِ مَنْ تَابَعَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا

رَحِمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَلَهُمْ فَضْلٌ عَظِيْمٌ

## خُطْبَهٔ ثَانِيَه بَرَائِے جُمْعَةُ الْمُبَارِكَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ نَحْمَدُهٗ وَنَسْتَعِيْنُهٗ وَنَسْتَغْفِرُهٗ وَنُؤْمِنُ بِهٖ وَنَتَوَكَّلُ عَلَيْهِ وَنَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ شُرُوْرِ اَنْفُسِنَا وَمِنْ سَيِّاٰتِ اَعْمَالِنَا مَنْ يَّهْدِهِ اللّٰهُ فَلَا مُضِلَّ لَهٗ ❖ وَمَنْ يُّضْلِلْهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ❖ وَنَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ ❖ وَنَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ❖ اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ط يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ۝ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ بِعَدَدِ مَنْ صَلّٰى وَصَامَ ❖ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ بِعَدَدِ مَنْ قَعَدَ وَقَامَ ❖ وَصَلِّ عَلٰى جَمِيْعِ الْاَنْبِيَآءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ وَعَلٰى كُلِّ مَلٰٓئِكَتِكَ الْمُقَرَّبِيْنَ

وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصَّالِحِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ۝

عِبَادَ اللّٰهِ ۝ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآئِ
ذِى الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ ج
يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ۝ وَلَذِكْرُ اللّٰهِ تَعَالٰى اَعْلٰى
وَاَوْلٰى وَاَعَزُّ وَاَجَلُّ وَاَتَمُّ وَاَهَمُّ وَاَكْبَرُ ط
وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تَصْنَعُوْنَ ۝

---

## نڪاح پڙهڻ جُون دعائُون:

---

سڀ ڪان پهريان "اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ" پڙهجي ۽ اهو هيءُ آهي:

اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ تَعَالٰى كَمَا هُوَ بِاَسْمَائِهٖ وَصِفَاتِهٖ
وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ
وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى وَالْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ.

اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمون:

حُڪم جي الله جا، سي سڀ ڪَيم دِل سان قبول،
مَڃيم مُحمّد مصطفىٰ ﷺ، جيڪو آهي اَفضل رَسول،
ڪَلمون محمّد ﷺ تي پڙهيم، ايمان ٿيو منهنجو قبول،
ڪُفر ويو ڪافور ٿي، اسلام ٿيو منهنجو قبول.

عنبد

ان کان پوءِ ايجاب قبول ڪرائجي. ان کان پوءِ نڪاح جو خطبو پڙهجي. آخر ۾ نڪاح جي دُعا پڙهجي.

## نڪاح جو خطبو هي آهي:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ جَعَلَ النِّكَاحَ سَبَبًا لِّلْاَنَامِ وَوَصْلًا لِّلْاَرْحَامِ فَصْلًا قَاطِعًا بَيْنَ الْحَلَالِ وَالْحَرَامِ كَمَا قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِى الْقُرْاٰنِ الْمَجِيْدِ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ فَاِنْ خِفْتُمْ اَنْ لَّا تَعْدِلُوْا فَوَاحِدَةً اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۔ وَقَدْ قَالَ النَّبِیُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اَلنِّكَاحُ مِنْ سُنَّتِیْ فَمَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِیْ فَلَيْسَ مِنِّیْ ۔ قَالَ الْفُقَهَآءُ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى اَلنِّكَاحُ يَنْعَقِدُ بِالْاِيْجَابِ وَالْقَبُوْلِ عِنْدَ حُضُوْرِ شَاهِدَيْنِ عَاقِلَيْنِ بَالِغَيْنِ مُسْلِمَيْنِ فِیْ مَجْلِسٍ وَّاحِدٍ ثُمَّ اعْلَمُوْا رَحِمَكُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى اِنَّ الْخَاطِبَ رَاغِبٌ وَالْمَخْطُوْبَةَ مَرْغُوْبَةٌ وَالْمَهْرُ

عَلٰى مَا تَرَاضِيَاهُ وَسَمَّيَاهُ فِى الْخُطْبَةِ قَبْلَ الْخِطْبَةِ
وَاَقُوْلُ قَوْلِىْ هٰذَا۔ وَاَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ لِىْ وَلَكُمْ وَلِسَائِرِ
الْمُسْلِمِيْنَ اِنَّهٗ هُوَالْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿

## نڪاح جي دُعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ سَيِّدِنَا اٰدَمَ
عَلَيْهِ السَّلَامُ وَسَيِّدَةِ حَوَّاءَ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا۔ اَللّٰهُمَّ اَلِّفْ
بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ سَيِّدِنَا اِبْرَاهِيْمَ عَلَيْهِ السَّلَامُ
وَسَيِّدَةِ هَاجِرَةَ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا۔ اَللّٰهُمَّ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا
اَلَّفْتَ بَيْنَ سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ الْمُصْطَفٰى صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ
وَسَيِّدَةِ خَدِيْجَةَ وَسَيِّدَةِ عَائِشَةَ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا
اَللّٰهُمَّ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ سَيِّدِنَا اَبِىْ بَكْرِنِ
الصِّدِّيْقِ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ وَسَيِّدَةِ اُمِّ رُوْمَانَ رَضِىَ اللّٰهُ
تَعَالٰى عَنْهَا۔ اَللّٰهُمَّ اَلِّفْ بَيْنَ هُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ سَيِّدِنَا عُمَرَ
الْفَارُوْقِ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ وَسَيِّدَةِ اُمِّ كَلْثُوْمَ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا
و

اَللّٰھُمَّ اَلِّفْ بَیْنَھُمَا کَمَا اَلَّفْتَ بَیْنَ سَیِّدِنَا عُثْمَانَ ذِی النُّوْرَیْنِ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وَسَیِّدَہْ رُقَیَّہ رَضِیَ اللّٰہُ تعالٰی عَنْھَا۔ اَللّٰھُمَّ اَلِّفْ بَیْنَھُمَا کَمَا اَلَّفْتَ بَیْنَ سَیِّدِنَا عَلِیِّ الْمُرْتَضٰی رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وَسَیِّدَہْ فَاطِمَۃِ الزَّھْرَاءِ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا۔ اَللّٰھُمَّ اَلِّفْ بَیْنَھُمَا کَمَا اَلَّفْتَ بَیْنَ سَیِّدِنَا اِمَامُ حَسَنَ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وَسَیِّدَہْ کَذْبَانُو رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا اَللّٰھُمَّ اَلِّفْ بَیْنَھُمَا کَمَا اَلَّفْتَ بَیْنَ سَیِّدِنَا اِمَامُ حُسَیْنَ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وَسَیِّدَہْ شَھْرَبَانُو رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا۔ اَللّٰھُمَّ اَلِّفْ بَیْنَھُمَا کَمَا اَلَّفْتَ بَیْنَ جَمِیْعِ الْمُؤْمِنِیْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِیْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ اَللّٰھُمَّ ھَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَذُرِّیّٰتِنَا قُرَّۃَ اَعْیُنٍ وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِیْنَ اِمَامًا ؁ وَصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَبَارِکْ وَسَلَّمْ ؁

# اوّل خطبۂ عید رمضان

اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ وَاللّٰہُ اَکْبَرُ ط
اَللّٰہُ اَکْبَرُ وَلِلّٰہِ الْحَمْدُ ط اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ الَّذِیْ جَعَلَ شَھْرَ
رَمَضَانَ لِلْمَغْفِرَۃِ وَالرَّحْمَۃِ وَالْغُفْرَانِ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط
اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ ط وَاللّٰہُ اَکْبَرُ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط
وَلِلّٰہِ الْحَمْدُ ط سُبْحَانَ مَنْ نَوَّرَ قُلُوْبَ الْعَارِفِیْنَ بِنُوْرِ
الْھِدَایَۃِ وَالْعِرْفَانِ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط لَآ اِلٰہَ اِلَّا
اللّٰہُ وَاللّٰہُ اَکْبَرُ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط وَلِلّٰہِ الْحَمْدُ ط سُبْحَانَ مَنْ فَتَحَ
لِلصَّآئِمِیْنَ اَبْوَابَ الرَّحْمَۃِ وَالرِّضْوَانِ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط
لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ وَاللّٰہُ اَکْبَرُ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ وَلِلّٰہِ الْحَمْدُ ط سُبْحَانَ مَنْ
اَنْزَلَ فِیْ ھٰذِہِ الشَّھْرِ الْمُبَارَکِ الْقُرْاٰنَ الْعَظِیْمَ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط
اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ ط وَاللّٰہُ اَکْبَرُ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط وَلِلّٰہِ الْحَمْدُ ط
سُبْحَانَ مَنْ اَنْزَلَ فِیْ ھٰذِہِ اللَّیْلَۃِ الْقَدْرِ سَلَامٌ ھِیَ حَتّٰی
مَطْلَعِ الْفَجْرِ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ ط لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

وَاللّٰهُ اَکْبَرُ اَللّٰهُ اَکْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِیْكَ
لَهٗ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى
عَلٰى خَیْرِ خَلْقِهٖ سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَاَتْبَاعِهٖ اَجْمَعِیْنَ ط

## خُطْبَهٔ ثَانِی عِیْدُ الْفِطْرِ وَعِیْدُ الْاَضْحٰی

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ نَحْمَدُهٗ وَنَسْتَعِیْنُهٗ وَنَسْتَغْفِرُهٗ وَنُؤْمِنُ بِهٖ
وَنَتَوَکَّلُ عَلَیْهِ وَنَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ شُرُوْرِ اَنْفُسِنَا وَمِنْ
سَیِّاٰتِ اَعْمَالِنَا مَنْ یَّهْدِهِ اللّٰهُ فَلَا مُضِلَّ لَهٗ وَمَنْ یُّضْلِلْهُ
فَلَا هَادِیَ لَهٗ وَنَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِیْكَ
لَهٗ وَنَشْهَدُ اَنَّ سَیِّدَنَا مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ۔ صَلَّى اللّٰهُ
عَلَیْهِ وَآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ عَلَیْهِ تَسْلِیْمًا۔ خُصُوْصًا
عَلٰى اَوَّلِ الصَّحَابَةِ وَاَعْلَمِهِمْ وَاَفْضَلِهِمْ بِالتَّحْقِیْقِ
اَمِیْرِ الْمُؤْمِنِیْنَ سَیِّدِنَا اَبِیْ بَکْرِنِ الصِّدِّیْقِ مَعْدَنِ الصِّدْقِ
وَالصَّفَا۔ وَعَلَى النَّاطِقِ بِالصِّدْقِ وَالصَّوَابِ اَلَّذِیْ کَانَ
رَاْیُهٗ مُوَافِقًا بِالْوَحْیِ وَالْکِتَابِ اَمِیْرِ الْمُؤْمِنِیْنَ عُمَرَ بْنِ

الْخَطَّابِ قَامِعِ الْجَوْرِ وَالْجَفَا ۔ وَعَلٰی جَامِعِ الْقُرْآنِ کَامِلِ
الْحَیَاءِ وَالْاِیْمَانِ اَمِیْرِ الْمُؤْمِنِیْنَ عُثْمَانَ ابْنِ عَفَّانِ مَنْبَعِ
الْحِلْمِ وَالْحَیَا ۔ وَعَلٰی اَسَدِ اللّٰہِ الْغَالِبِ اِمَامِ الْمَشَارِقِ
وَالْمَغَارِبِ اَمِیْرِ الْمُؤْمِنِیْنَ عَلِیِّ ابْنِ اَبِیْ طَالِبٍ صَاحِبِ الْجُوْدِ وَالْعَطَا
وَعَلَی الْاِمَامَیْنِ الْھُمَامَیْنِ السَّعِیْدَیْنِ الشَّھِیْدَیْنِ اَبِیْ مُحَمَّدِنِ الْحَسَنِ وَاَبِیْ
عَبْدِ اللّٰہِ الْحُسَیْنِ ۔ وَعَلٰی اُمِّھِمَا سَیِّدَۃِ النِّسَآءِ فَاطِمَۃَ الزَّھْرَآءِ
وَعَلَی الثَّلَاثَۃِ الْبَاقِیَۃِ مِنْ بَنَاتِ النَّبِیِّ الْمُکَرَّمِ وَعَلٰی عَمَّیْہِ الْمُکَرَّمَیْنِ
عِنْدَ اللّٰہِ وَعِنْدَ النَّاسِ اَلْحَمْزَۃِ وَالْعَبَّاسِ وَعَلَی السِّتَّۃِ
الْبَاقِیَۃِ مِنْ عَشَرَۃِ الْمُبَشَّرَۃِ وَسَائِرِ الصَّحَابَۃِ وَالتَّابِعِیْنَ
رِضْوَانُ اللّٰہِ عَلَیْھِمْ اَجْمَعِیْنَ اِنَّ اللّٰہَ یَاْمُرُ بِالْعَدْلِ
وَالْاِحْسَانِ وَاِیْتَاءِ ذِی الْقُرْبٰی وَیَنْھٰی عَنِ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنْکَرِ
وَالْبَغْیِ یَعِظُکُمْ لَعَلَّکُمْ تَذَکَّرُوْنَ اُذْکُرُوا اللّٰہَ تَعَالٰی
یَذْکُرْکُمْ وَادْعُوْہُ یَسْتَجِبْ لَکُمْ وَلَذِکْرُ اللّٰہِ تَعَالٰی
اَعْلٰی وَاَوْلٰی وَاَعَزُّ وَاَجَلُّ وَاَھَمُّ وَاَعْظَمُ وَاَکْبَرُ۔
وَاللّٰہُ یَعْلَمُ بِمَا تَصْنَعُوْنَ۔

# اَوّل خُطبہ عِید الضُحیٰ

اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ وَاللّٰہُ اَکْبَرُ
اَللّٰہُ اَکْبَرُ وَلِلّٰہِ الْحَمْدُ اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ الْمُتَوحِّدِ بِالْعَظَمَۃِ
وَالْجَلَالِ وَالتَّقَدُّسِ بِالْحُسْنِ وَالْجَمَالِ هُوَ الَّذِیْ
هُوَ خَالِقٌ لِّجَمِیْعِ الشَّیْءِ وَالْاَمْرِ بِیَدِہٖ مَفَاتِیْحُ الدَّهْرِ
فَتَبَارَکَ اللّٰہُ رَبُّ الْعٰلَمِیْنَ اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ لَآ اِلٰہَ
اِلَّا اللّٰہُ وَاللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ وَلِلّٰہِ الْحَمْدُ ط سُبْحَانَ
مَنْ تَقَدَّسَ ذَاتُہٗ عَنِ التَّشْبِیْہِ وَالتَّمْثِیْلِ ط سُبْحَانَ مَنْ
تَنَزَّہَ صِفَاتُہٗ عَنِ التَّغْیِیْرِ وَالتَّبْدِیْلِ ط اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ
لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ وَاللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ وَلِلّٰہِ الْحَمْدِ ط سُبْحَانَ
مَنْ جَعَلَ الْکَعْبَۃَ الشَّرِیْفَۃَ لِعِبَادَۃِ الْخَوَاصِ وَالْعَوَامِ وَمَنَّ
عَلَیْهِمْ اِسْتِجَابَۃِ الدَّعْوَۃِ وَالتَّجَاوُزِ عَنِ الذُّنُوْبِ وَالْاِحْتِرَامِ
اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ وَاللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ
اَکْبَرُ وَلِلّٰہِ الْحَمْدِ ط سُبْحَانَ مَنْ جَعَلَ قِبْلَۃً لِّلْمُصَلِّیْنَ

فِي اللَّيَالِيْ وَالْاَيَّامِ وَوَعَدَ الْمُؤْمِنِيْنَ بِدُخُوْلِ مِنْ اَبْوَابِ
مَشْعَرِ الْحَرَامِ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ
اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدِ ط سُبْحَانَ مَنْ صَيَّرَ الْكَعْبَةَ
اِنْعَامًا لِّلْاَنَامِ يَغْلِبُ اِشْتِيَاقُهٗ وَشَوْقُ لِقَائِهٖ قُلُوْبُ عِبَادِهِ
الْكِرَامِ حَتّٰى تَرَكُوْا الْاَوْلَادَ وَالْاَوْطَانَ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ
لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط سُبْحَانَ
مَنْ سَبَّحَتْ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبْعُ وَالْاَرَضُوْنَ السَّبْعُ وَ
الْعَرْشُ الْعَظِيْمُ وَالْكَعْبَةُ وَالرُّكْنُ وَالْحَطِيْمُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط
اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ
وَلِلّٰهِ الْحَمْدِ ط سُبْحَانَ مَنْ اَوْجَبَ صَلٰوةَ الْعِيْدَيْنِ عَلٰى كَافَّةِ
الْمُؤْمِنِيْنَ مِنَ الْكَائِنَاتِ وَحَرَّمَ عَلَيْهِمُ الصَّوْمَ فِى الْاَيَّامِ
الْخَمْسَةِ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اللّٰهُ
اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط وَ لِلّٰهِ الْحَمْدِ ط

# نعتِ مصطفیٰ

صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم

مُحَمَّد مُصطفیٰ آهي، حَبيبِ ڪِبريا آهي
اُهو ئي ابتدا آهي، اُهو ئي انتها آهي

نه دُنيا هئي نه عُقبيٰ هئي، نه ڪا مَخلوق خَلقيل هئي
مگر اوّل سين ڪان ئي رَسُولِ مُجتبيٰ آهي

خُدا خَلقيو جَهانن کي رَسُولُ الله جي صَدقي
اُهو ئي رَحمتِ عَالَمُ اِمَامُ الاَنبِياء آهي

ذِڪر اذڪار سَڀ فاني مُحَمَّد جو ذِڪر باقي
تَڏهن ئي تہ جو خود الله سندن ٿي نعت خوان آهي

صُبح سانجهي سدائين سَڀ پڙهو صَلوٰة سَيّد تي
سڀن وِردن کان اَعليٰ هي وَظيفو بي بَها آهي

قَبر، مَحشر، دُنيا ۾ مَدد ڪنهن جي نہ ٿي گهرجي
سهارو عَبد جو هردم رسولِ دو جهان آهي

عَبدهٗ عبدالوحيد سرهندي غفرلہٗ
دارالارشاد درگاه ٽنڊو سائينداد

۳، آگسٽ ۱۹۹۵ء

# مُناجاتُ بدرگاهِ قاضیُ الحاجاتُ

بتوسّل

## مَشائخ نقشبندیه وسِلسلهِ حضراتُ مُجددیه

از

## سیّدنا حضرت صِدیق اکبر رضی الله تعالیٰ عنه

تا

## حضرت خواجه غُلام علي جان مجدّدي قدس سرّه

از قلم

## قیوم الزمان حضرت خواجه شاه آغا سرهندي قدس سرّه

حمد اوّل ۾ چوان رَبُّ العُلیٰ جي واسطي،

شُکر بیحد خالقِ ارض و سما جي واسطي.

پوءِ چوان دل جان سان لک لک صلواتون ۽ سلام،

سیّدُ الکونین ختمُ الانبیاءِ جي واسطي.

ڪر ڪرم مون تي خدایا مصطفیٰ جي واسطي،

حضرت صدیق اکبر باصفا جي واسطي.

رک سلامت دین ۽ ایمان منهنجو اي خدا،

حضرت سلمان (٣) فارس پارسا جي واسطي.

نیک ڪر قسمت اسان جي ۽ سعادت ڪر نصیب،

حضرت قاسم (٥) امام الاتقیا جي واسطي.

صادقن سان حشر ڪر منهنجو اِلٰهُ العَالمِين،
جعفر (٦) صادق اِمَام الاَوْلِيَاء جي واسطي.

ڪر زياده دين ۽ ايمان اسان جو باليقين،
بايزيد (٧) بوسطامي پيشوا جي واسطي.

بوالحسن (٨) سو خارقاني شهر جو ساڪن جو،
صاحبِ ڪشف وڪرامت مقتدا جي واسطي.

حضرتِ شه (٩) بوعلي عالي حسب عالي نسب،
صاحبِ علم وعمل نورالهدیٰ جي واسطي.

حُسنِ ظاهر حُسنِ باطن شيخ يوسف (١٠) کي هيو،
ڏي اسان کي حُسن بيّي اَنْ مَهٌ لقا جي واسطي.

عبد (١١) خالق غجدواني هو اِمَامُ العَارِفِين،
خلق جو رهبر ٿيو خاصو خدا جي واسطي.

معرفت پنهنجي عطا ڪر ۽ محبت ڪر نصيب،
پير ڪامل عارفِ (١٢) راهِ هُدیٰ جي واسطي.

نيڪ بختي ڪر عطا ۽ عاقبت محمود ڪر،
حضرت محمود (١٣) شاهِ اصفيا جي واسطي.

سلسله جو پير ڪامل هو علي (١٤) راميتني،
حضرتِ باباسماسي (١٥) باصفا جي واسطي.

پير پيرن جو ڏو هو سيّد مير ڪلال (١٦)،
ڪم ڪنڊ وهو ڪنيا رکو هو پي ربا جي واسطي.

نقش بندِ نقشبندان هو بهاءالدين (١٧) ولي،
تنهن ڪيو روشن طريقو هي خدا جي واسطي.

دل ۾ ذڪرِ حق جو چرخو چوريان هر روز شب،
حضرت يعقوب (١٨) چرخي پيشوا جي واسطي.

بند نفس و قيد شيطان کان خدا آزاد ڪر،
خواجهٔ احرار (١٩) شاهه بي ريا جي واسطي.

زُهد ۽ تقويٰ طهارت علم ۽ حلم و حيا،
زاهد (٢٠) و درويش (٢١) و خواجه اَمُڪَنه (٢٢) جي واسطي.

ڪر بقا بالله سان موصوف فاني غير کان،
شيخ عبد الباقي (٢٣) باقي بقا جي واسطي.

جنهن ڪيو روشن شريعت ۽ طريقت جو ڏيئو،
تنهن مجدّد (٢٤) الف ثاني مقتدا جي واسطي.

ڏي اسان کي يا الاهي تون گناهن کان پناهه،
خواجهٔ معصوم (٢٥) اوّل حق نما جي واسطي.

رنگ اسان کي دين ۽ ايمان جو ڏي اي خدا،
صبغة الله (٢٦) شاهه بي رنگ و ريا جي واسطي.

شاهه اسماعيل (٢٧) جو هو صاحب تقويٰ عجيب،
جنهن ڪيُي قربان جان تنهن جان فدا جي واسطي.

خواجهٔ معصوم (٢٨) ثاني شهٔ غلام محمد (٢٩) ولي،
صاحبِ فيض و ڪرامت با صفا جي واسطي.

دل اسان جي صاف ڪر، زنگ ظلمت دور ڪر،
شه صفي الله (٣٠) امام الاصفيا جي واسطي.

شاه فضل الله (٣١) جو ٿيو فيض جاري سنڌ ۾،
فضل ڪر يارب اسان تي اوليـاء جي واسطي.

حضرت شه عبد (٣٢) قيوم هوا انهن جو جانشين،
صاحبِ علم و عمل فيض و هُدىٰ جي واسطي.

حضرتِ شه عبد (٣٣) رحمٰن هو سراج اولياء،
آفتابِ معرفت نورالهُدىٰ جي واسطي.

هو اَبُو ۽ پير اسان جو مخلصن تي مهربان،
حضرتِ خواجه حسن (٣٤) جان رهنما جي واسطي.

هيترن پيرن ولين کي اِلٰـه العالمين،
تنهنجي در تي ميڙ آندم التجا جي واسطي.

آهيان بيڪار ۽ بدڪار ڏاڍو بي عمل،
ڪونه ڪيو ڪو مون عمل خالص خدا جي واسطي.

نفس پرور بي اثر ڪاهل ڪمينو آهيان،
ڏي مون کي توفيق تون حمد و ثنا جي واسطي.

نا اميدي ڪاٽ ڪر اي شاه آغا شاد (٣٥)
فضل مان جو آهي دافع هر بلا جي واسطي.

يا الٰهي ڪر بلا تي، درد دل جا دُور ڪر،
حضرتِ سائين علي جان رهنما جي واسطي.

---

ڪل هي بيت عبدالوحيد جان سرهندي جو پنهنجي ڏاڏي قدس سرهٗ لاءِ چيل آهي.

سڀ مرادون پوريون ڪريءِ دُعائون مُستجاب،
تنهنجي رحمت آهي واسع هر گدا جي واسطي

اهل ۽ اولاد اسان جو شاد رک آباد رک،
اهل بيت مُصطفىٰ خيرالورىٰ جي واسطي.

پرده رک يارب اسان جو ننگ ۽ ناموس پڻ،
فاطمه بنت النّبي خيرالنساء جي واسطي.

سڀ مريدن مخلصن کي رک سلامت اي خدا،
غازين بدر وحنين وڪربلا جي واسطي.

آفتون سڀ دور ڪريءِ گهر سندن معمور ڪر،
۽ دل سندين مَسرور ڪر حمد و ثنا جي واسطي.

مشڪلات آسان ڪريءِ دشمنن کان ڏي پناهه،
حرمتِ شيرِ خدا مُشڪل ڪُشا جي واسطي.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# التجا

بحضور پرنور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم

ٻون ڪي تنهنجو ڪرم، گهُرجي ڪَرم، ڪر يَارَسُولَ اللهِ
ٻون ڪي تنهنجو فضل گهُرجي فَضل ڪر يَارَسُولَ اللهِ

ٻُنهنجا سائين اچو جَلدي مدد ڪريو مُون عَاجزجي
نظرڪريو مُون تي جلدي پَرم سَان يَارَسُولَ اللهِ

وَسيلو تو سوا ناهي، وسيلو تي تُون اي عَربي
ٻُڌو فريَاد مُنهنجو هي رَحم سَان يَارَسُولَ اللهِ

ٻُعابي اَهل بَيتن جي، طُفيلي سَب صحابن جي
توجه ڪُل ڪريو مُون تي ڪَرم سَان يَارَسُولَ اللهِ

شريعت تي عمل گهُرجي، طريقت جو سَبق گهُرجي
عِنايت جي نظر گهُرجي، مِهر سَان يَارَسُولَ اللهِ

غلامي جو شرف بخشو، سدا هن عبد عَاجز کي
تين مَقصد سَيئي پُورا، لُطف سَان يَارَسُولَ اللهِ

عَبدهٗ عبدالوحيد قندري عفي عنه
دار الارشاد. ٽنڊو سائينداد

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نَحۡمَدُهٗ وَنُصَلِّيۡ وَنُسَلِّمُ عَلٰى رَسُوۡلِهِ الۡكَرِيۡمِ

# مُقَدِّمَهٔ برائي وَصِيَّت نامَهٔ

سنڌ جي هڪ ڪامل ولي، سرهندي خاندان جي هڪ عظيم شخصيت وقت جي مُجدد، عالم باعمل، صاحب العلم و عرفان، تاج الاولياء حضرت خواجه مُحَمَّد حَسَن جان سرهندي، مجددي، نقشبندي رحمة الله تعالیٰ عليه جن جي ولادت باسعادت بتاريخ ۲۰ شوال ۱۲۷۸ھ شهر قندهار ۾ ٿي، سندن والد گرامي جو نالو مبارڪ سراج الاولياء حضرت خواجه عَبۡدُ الرَّحۡمٰن جان سرهندي مُجددي رحمة الله عليه آهي. سندن وصال ۲، رجب شريف ۱۳۶۵ھ ٽنڊو سائينداد ۾ ٿيو ۽ سندن مزار مبارڪ مقبره شريف ۾ آهي.

حضرت صاحب جن پنهنجي سموري زندگي دين جي تبليغ لاءِ وقف ڪئي، سندن تصنيف ڪيل ديني ڪتاب پوري عالم اسلام ۾ مشرق کان مغرب تائين مشهور ۽ معروف آهن. حضرت صاحب جن پنهنجي اولاد ۽ احباب لاءِ مختلف وقتن تي ٽي وصيت نامان تحرير ڪيا. بفضله تعالیٰ اهي ٽئي وصيت نامان مون وٽ موجود آهن.

هن وقت مون اها ضرورت محسوس ڪئي ته آئون انهن وصيت نامن جي فارسي عبارت جو ترجمون ڪري شايع ڪريان ته جيئن حضرت صاحب جن جي اولاد مُريدن، مخلصن ۽ عام مسلمانن کي انهي مان معلومات، فيض ۽ فائدو حاصل ٿئي.

معلوم هجڻ گهرجي ته انهن ٽنهي وصيت نامن ۾ حضرت صاحب جن پنهنجي ٽن وڏن فرزندن ڏانهن مخاطب آهن. حضرت صاحب جن جي

فرزندن جا نالا هي آهن:

۱ "راقم الحروف جو ڏاڏو"، حضرت قبله آغا عبدالله جان المعروف به حضرت شاه آغا سرهندي قدس سره.

۲ "راقم الحروف جو نانو"، حضرت قبله آغا عبدالستار جان المعروف به آغا جان سرهندي قدس سره.

۳ "راقم الحروف جي ناني ۽ پڙ ڏاڏي جو ننڍو ڀاءُ"، حضرت قبله آغا محمد هاشم جان المعروف به حضرت حافظ جان سرهندي قدس سره.

۴ ، حضرت قبله آغا محمد حنيف جان سرهندي (حضرت صاحب جو ننڍو فرزند) قدس سره.

هيءُ هڪ حقيقت آهي، جنهن جو اظهار ڪجي ٿو، ته حضرت صاحب جن جي شخصيت ته بي مثال هئي، پر حضرت صاحب جن جا ٽئي وڏا فرزند جن جي تعليم ۽ تربيت حضرت صاحب جن جي نظر مبارڪ ۽ سايهءِ شفقت ۾ ٿي. اهي ٽئي بزرگ عالم هئا، حافظ هئا، عابد هئا، زاهد هئا، ڪاتب هئا، شاعر هئا، دينڊار هئا، پرهيزگار هئا، حڪيم جسماني هئا، طبيب روحاني هئا. اَلحَمدُ لِلّٰهِ مون پاڻ انهن صالحين جي زيارت ڪئي.

هيءُ وصيت نامان درحقيقت نصيحت نامان آهن، جن مان هر مسلمان فيضياب ٿي سگهي ٿو.

پڙهندڙ حضرات کي عرض آهي ته هڪ ڀيرو الحمد شريف ٽي ڀيرا قُل شريف ۽ درود شريف پڙهي حضرت صاحب جن جي مغفرت ۽ بلند درجات لاءِ دُعا گهرن.

بقلم

عبدهٗ عبدالوحيد سرهندي عُفي عنه

# وَصِیَّت نامَہ

صاحبُ العلمِ و العرفان تاجُ الاولیاء حضرت صاحب آغا محمد حسن جان سرہندی
رحمۃ اللہ علیہ درگاہ مجددیہ ٹنڈو سائیداد ضلع حیدرآباد۔

١ وصیت آخرین برائی اولاد و احباب آن است کہ اوّلاً

آئون پنھنجي اولاد ۽ احباب لاءِ ھيءَ آخري وصيت ڪريان ٿو تہ پھريائين

عقائد خود را بموجب آراء اہل سنت و جماعت درست

پنھنجي عقيدن کي اھل سنت جي عقيدي مطابق درست.

نمایند و دامن شرع شریف در ضمن تقلید مذہب محکم گیرند۔

ڪن ۽ مذھب حنفي مطابق دامن شريعت پاڪ جي مضبوطيءَ سان وٺن.

و از عقائد اہل ہوا پرہیز نمایند، کہ سخت مضر ایمان است

۽ بدمذھبن جي عقيدن کان پرھيز ڪن، ڇوتہ خراب عقيدا ايمان لاءِ نقصانڪار آھن

٢ و ثانیاً در بندگی او تعالیٰ کوشیند و خود را بہیچ گونہ

۽ ٻيو تہ خدا تعاليٰ جي بندگيءَ لاءِ ڪوشش ڪن ۽ پاڻ کي ڪنھن قسم جي

دریغ ندارند کہ مدار کار بر بندگی و تقویٰ است۔ تقویٰ

سستيءَ ۾ نہ رکن. ڇوتہ عمل جو دارومدار عبادت ۽ پرھيزگاريءَ تي آھي. توحيد کان

بہترین توشۂ آخرت است بعد از توحید۔

پوءِ پرھيزگاري بھترين توشہ آخرت آھي.

٣ ثالثاً و در تہذیب اخلاق کوشند۔ اخلاق نیک

ٽيون تہذيب ۽ اخلاق لاءِ ڪوشش ڪن، سھڻي اخلاق سان

سیدنا محمد وعلیٰ وآلہ واصحابہ وسلم۔

محمّد ڪريمؐ ۽ ان جي آل ۽ اصحاب تي درود ۽ سلام موڪلي رهيو آهي. ١٩ شعبان سنه ١٣٣٢ هه

## وصیت نامہ نمبر: ٢

مطلب ضروری از تحریر وصیت نامہ اینکہ اولاد من

هن وصيت نامي جي لکڻ جو مطلب هيءُ آهي ته منهنجو اولاد

واقربائی من مرا پس از مُردن فراموش نکنند

۽ منهنجا عزيز قريب مون کي وفات کان پوءِ فراموش نه ڪن

ہر کس ہر قدر کہ بتواند خیر و خیرات ودعا وفاتحہ

جنهن ماڻهو کان جيتري قدر ٿي سگهي خير ۽ خيرات ۽ دعا ۽ فاتحه

یاد کردہ باشند کہ ہرچہ برائے خدا درحق من

۾ مون کي ياد ڪري ڇو ته خداڪارڻ جيڪي به منهنجي لاءِ

میکنند مرا میرسد۔ من کہ عمر خود در کوشش

ڪندا اهو مون کي پهچندو. مون پنهنجي عمر توهان جي ديني

صلاح و فلاح دینی و دنیوی شمایاں صرف کردم

۽ دنيوي اصلاح ۽ فلاح جي ڪوشش ۾ صرف ڪئي آهي

مکافات آں دُعائی مغفرت مے خواہم۔ اگر دراین ملک

آئون توهان کان ان جي نتيجي ۾ مغفرت جي دُعا طلب ڪريان ٿو. جيڪڏهن هن ملڪ

انتقال من شود قبر من درمیان قبر حضرت قبلہ ما

(سنڌ) ۾ منهنجو انتقال ٿئي ته منهنجي قبر (مقبره شريف تي) منهنجي والد حضرت سراج الاولياء قدس سره

شریف خاص بر مساکین شود. اقربار ما جمله

مطابق خاص مسڪين کي ڏيو . منهنجا سڀئي عزيز قريب

مرا از دُعا مغفرت فراموش نکنند - ہر کہ مرا

مون کي مغفرت جي دُعا کان فراموش نہ ڪن . جيڪو ماڻهو منهنجي

مغفرت خواہد حق تعالیٰ اورا مغفرت بخشد. و ہر کہ

مغفرت طلب ڪندو خدا تعالیٰ ان جي مغفرت فرمائيندو . ۽ جيڪو ماڻهو

ہرچہ تواند بروح ما بفرسید. فَاِنَّ الْمَيِّتَ كَالْغَرِيْقِ

ڪا ن جيڪو بہ ڪجهي اهو منهنجي روح لاءِ موڪلي . ڇو ته بيشڪ ميت جو مثال ٻُڏندڙ جهڙو آهي

يَتَشَبَّثُ بِكُلِّ حَشِيْشَةٍ . لَعَلَّ اللّٰهُ يَرْحَمُنَا جَمِيْعًا .

جيڪو هر ڪک پن ٻر جهلي ٿو (ته من ٻڏڻ کان بچان) اميد آهي ته اسان سڀني تي الله تعالىٰ رحم فرمائيندو

وَالسَّلَامُ عَلَيْكُمْ .

بتاریخ ۲۸, ماہ ربیع الاول سنہ ۱۳۶۰ھ

العبد الضعیف

فقیر محمد حسن مجددی عفی عنہ

مترجم

عبدہٗ عبدالوحید مجددی عفی عنہ

۳ جولاء ۱۹۹۹ع از درگاہ مجددیہ

ٹنڈہ سائینداد

ضلع حیدرآباد. سندھ

# صَلوٰةُ الاِسْتِخَارَةِ

مي مضمون راحة القلوب تان نقل ڪجي ٿو:

ڪانئين ڳالهه، ڪونئون ڪم درپيش اچي ۽ ماڻهون حيران ٿئي ته هي ڪم ڪجي يا نه ڪجي، جي ڪجي ته ڪهڙي طرح ڪجي. مسنون طريقي سان استخاره ڪري ۽ دعا خير جي گهري. پوءِ پريشاني يا مونجهارو نه ڪري، جنهن نموني سان جهڙي طرح سندس خير هوندو اهو درپيش ايندو.

استخاره جي ترتيب تمام سولي آهي، هرڪو ماڻهون هر وقت ڪري سگهي ٿو، خاص ڪنهن مولوي صاحب يا پير صاحب کان ڪرائڻ جي ضرورت نه آهي. ڪنهن به وقت ڏينهن جو يا رات جو گهڻو ڪري رات جو سمهڻ مهل ڪبو آهي. ٻه رڪعتون نفل خدا ڪارڻ پڙهي پوءِ هيءُ دعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْتَخِيْرُكَ بِعِلْمِكَ وَاَسْتَقْدِرُكَ بِقُدْرَتِكَ وَاَسْئَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ الْعَظِيْمِ فَاِنَّكَ تَقْدِرُ وَلَا اَقْدِرُ وَتَعْلَمُ وَلَا اَعْلَمُ وَاَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ. اَللّٰهُمَّ اِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ اَنَّ هٰذَا الْاَمْرَ خَيْرٌ لِّيْ فِيْ دِيْنِيْ وَمَعَاشِيْ وَعَاقِبَةِ اَمْرِيْ وَعَاجِلِهٖ فَاقْدِرْهُ لِيْ وَيَسِّرْ لِيْ بَارِكْ لِيْ فِيْهِ وَاِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ اِنَّ هٰذَا الْاَمْرَ شَرٌّ لِّيْ فِيْ دِيْنِيْ وَمَعَاشِيْ وَعَاقِبَةِ اَمْرِيْ وَعَاجِلِهٖ وَاٰجِلِهٖ فَاصْرِفْهُ عَنِّيْ وَاصْرِفْنِيْ

# خير خيرات ڪرڻ بابت شرعي فتويٰ

از قلم صاحب العلم والعرفان حضرت سائين شاهه آغا سرهندي مجددي رحمة الله عليه سجاده نشين درگاهه مجدديه ٽنڊو سائينداد ضلع حيدرآباد سنڌ

ميت جي واسطي خير خيرات ڪرڻ ۽ انهيءَ جو ثواب ميت کي بخشڻ درست آهي. سني علماء اهل سنت والجماعت ۽ چئني مذهبن جي امامن جو انهيءَ ۾ اتفاق آهي. فقط معتزلن (وهابين) جو انهيءَ ۾ اختلاف آهي.

حديث شريف ۾ آهي ته ميت مثال ٻڏندڙ ماڻهوءَ جي آهي، جو پنهنجي پاءُ يا دوست جي دعا يا استغفار لاءِ منتظر رهي ٿو.

ميت جي پٺيان اسقاط ڪرڻ (قرآن شريف بخشائڻ) افضل آهي. اسقاط جو خرچ بعضي حالتن ۾ تمام گهڻو ٿئي ٿو، تنهن لاءِ حيلو ڪرڻ درست آهي. مصحف (قرآن) شريف يا ٻي ڪنهن شيءِ سان جيترو ٿي سگهي، پنهنجي يا انهيءَ سوالي مسڪينن ۽ فقيرن کي ڏجي.

مخدوم صاحب محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه ۽ ٻين وڏن عالمن جون تحريرون ۽ فتوائون انهي باري ۾ لکيلون آهن. جنهن کي تحقيق ڪرڻي هجي سو ڀلي اچي اطمينان ڪري. زياده خير فقط والسلام

فقير شاهه آغا عفي عنه

بسم الله الرحمن الرحيم

# نعت مصطفیٰ ﷺ مشتمل بر دعا

مُونکي مَدِني سَڏائيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.
مُنهنجو مَانُ وَڌائيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

اِيمَان جِتان مِلندو، عِرفَان جِتان مِلندو،
اُهو شهر گهُمَائيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

مُنهنجو ڀَاڳ ڀَلو ٿيندو، مُون تي ڪَرم ڪَرِيم ڪَندو،
روضو پَاڪ ڏيکاريندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

مُنهنجي دِل کي سُڪُون مِلندو، مُنهنجو رُوح بہ خُوش ٿيندو،
پِنجرو پَاڪ پسَائيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

هَر دَرد هَليو ويندو، آرامُ مِلي پَوندو،
رُخ پَاڪ ڏيکاريندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

هِيءُ عبد پُڪاريندو، تو کي عَرض ڪَندو رَهندو،
سَڀ سُوال قَبُولِيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

عبدهٔ عبدالوحيد سرهندي عفي عنه ٽنڊو سائينداد